# اڪيلي



ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڊرن پبليڪيشنس حيدرآباد سنڌ
جي ٣ پيشڪش

# اڪيلي

چارلس شا

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيشڪش نمبر (۱)

## سونهن جي ديوي

قيمت چار روپيه

پيري لوئي

قاضي خادم

---

# ماڊرن پبليڪيشنس

غير ملڪي شاهڪار ادب جي ترجمن جو سلسلو

---

پيشڪش نمبر ۲

## پيار

قيمت- ۵ روپيه

جان پال سارتر

قاضي خادم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيشڪش نمبر ٣.

مشهور امريڪي اديب چارلس شا جي مشهور ناول
Heaven knows MR. Elison
جو ترجمو

# اڪيلي

مترجم: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتاب جو نالو- اڪيلي
ڇپيندڙ- مرتضيٰ پريس- الهندو ڪڇو حيدرآباد
ڇپائيندڙ- اداره ماڊرن پبليڪيشنس حيدرآباد سنڌ.
سال- مئي ١٩٧٤ع

قيمت ٻه روپيه پنجاه پئسا

سول ايجنٽ:-

سليمان ايڊ برادرس نيوز پيپر ايجنٽس

ڪوٽڙي والا بازار حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪجهه پنهنجي باري ۾ —

واعدي جي مطابق ماڊرن پبليڪيشنس جو ٣ نمبر ناول اَڪيلي حاضر آهي جيڪو سنڌ جي مشهور افسانه نگار ۽ شاعر ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، امريڪا جي مشهور ناول نگار چارلس شاجي ناول 'هيون نوز مسٽرايليسن'، (Heaven knows Mr. Elison) تان ترجمو ڪيو آهي. هي ناول هڪ اهڙي مذهبي عورت ۽ هڪ فوجي سپاهيءَ جي زندگيءَ جي باري ۾ آهي جيڪي ٻي مهاڀارٽي لڙائيءَ ۾ هڪ سنسان ۽ جنگ کان تباهه ٿيل جزيري ۾ اڪيلا رهجي ٿا وڃن. اتي اڪيلائيءَ ۾ اها مذهبي عورت ڪيئن فطري تقاضائن جي خلاف وڙهندي پنهنجي عزت کي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿي ۽ اهو فوجي پڻ هن سان ڪهڙي هلت ڪري ٿو، سو قصو نهايت دلچسپ ۽ پڙهڻ وٽان آهي.

هن کان اڳ ماڊرن پبليڪيشنس طرفان 'سونهن جي ديوي' ۽ 'پيار' جهڙا دلچسپ ۽ مشهور ناول پڻ پيش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيا ويا آهن، جن کي سڄي سنڌ ۾ تمام گهڻو پسند ڪيو ويو آهي.

هي اهي ناول هئا جيڪي سنڌيءَ ڪانسواءِ دنيا جي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن، ۽ تمام مقبول ٿي چڪا آهن.

---

ماڊرن پبليڪيشنس جي وجود ۾ اچڻ جو وڏو سبب اهو هو جو سنڌي ٻوليءَ ۾ جديد غير ملڪي ادب جي تمام گهڻي کوٽ محسوس ڪئي پئي وئي. هن کوٽ مان ٻن قسمن جا نقصان هئا، هڪ ته سنڌي ٻوليءَ ۾ غير ملڪي اديبن جا فنپارا منتقل ڪونه ٿي ٿيا ۽ ٻيو ته سنڌي اديب ۽ عوام، دنيا جي بدلجندڙ ادبي رجحانن کان بلڪل اڻڄاڻ پئي رهيو، جڏهن ته جديد مواصلاتي نظام ذريعي هيءَ دنيا تقريباً هڪ ٿي چڪي آهي ۽ سڄي دنيا ۾ جيڪي ڪجهه وهي واپري رهيو آهي (ادب ڪانسواءِ) تنهن کان هرڪو واقف ٿيندو پيو اچي.

بهرحال غيرملڪي ٻولين جا شاهڪار پيش ڪرڻ جو ذمو هن اداري پنهنجي ڪلهن تي کنيو ۽ اڄ ۾ فرانسيسي ۽ هڪ امريڪي ناول توهان وٽ پهچي چڪا آهن.

هن کان پوءِ اٽليءَ جي جڳ مشهور افسانه نگار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوبہ ادب اوستائين ترقي نہ ٿو ڪري سگهي جيستائين هن جا پڙهندڙ نہ هجن. جيڪڏهن هڪ شخص تمام سٺو ٿو لکي پر ڪيس پڙهڻ وارا ڪونهن تہ هو ڪڏهن بہ هڪ ڪامياب اديب نہ ٿو ٿي سگهي. انهيءَ ڪاميابيءَ کي حاصل ڪرڻ جا بہ ذريعا آهن. هڪ تہ ان اديب جي لکڻي گهٽي ۾ گهٽي ڇپجي ۽ پيو. گهٽي ۾ گهٽا ماڻهو ان کي خريد ڪن ۽ پڙهن. سو جيستائين لکڻ جو ڪم آهي سو تہ اديب ڪري ٿو، پر گهٽي ڇپجڻ جو دارو مدار وري انجي خريداري تي آهي. ۽ خريدارن جي حالت ڏاڍي مايوس ڪندڙ آهي. سستا غير معياري رسالا ۽ فحش تصويرن وارا بيڪار ڪتاب ئي سنڌن ڌيان کي ڇڪائين ٿا ۽ نتيجي ۾ اهو ادب، جيڪو واقعي سنڌن دل ۽ دماغ تي ڪو اثر وجهي، سنڌن معاشري ۽ ثقافت جو نقش چٽيندو هجي، اڻ ڇپيو رهجيو وڃي.

بهرحال جيڪڏهن سنڌي واقعي پنهنجي ادب، رسمن ۽ ريتن ٻولي ۽ ثقافت جي حفاظت ڪرڻ چاهين ٿا تہ کين سنڌي ادب جي هر طرح مدد ڪرڻي پوندي ورنہ اهي خواب ڪڏهن بہ پورا ڪونہ ٿيندا.

— قاضي خادم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ۱

## اڪيلو جيو سمنڊ ۾

هُو، اُن رات گهڻي دير تائين پاڻيءَ ۾ تاڦوڙا هڻي ڪري ٿڪجي پيو هو. پاڻيءَ ۾ هن جي وچ ۾ هڪ تختو هو، جنهن جون رسيون هن مضبوطيءَ سان جهليون هيون. هو سڄو ڀڄي ويو هو، ڇو جو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪيس ساڳي حالت ۾ ڪشمڪش ۾ رهڻو پيو هو. سمنڊ ۾ نه رڳو هوا گرم لڳي رهي هئي، پر پاڻيءَ به گرم هو، مٿان وري لوڻ- سندس اکين کي ڏاڍي تڪليف ٿي رهي هئي. هن پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون، ۽ گهڻو وقت بند رکڻ کان پوءِ، ڪڏهن ڪڏهن اکيون کوليائين ٿي، نه ته وري بوتي ٿي ڇڏيائين. آسمان ۾ تارا به ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيا ۽ طوفان جي ڪري اليسن کي قدرت جو سڄو نظام درهم برهم نظر پئي آيو. هو جنهن تختي تي سوار هو سو هڪ طرف تيزيءَ سان ترندو ٿي ويو. هر طرف اونده هئي، ۽ هوا جي سوساٽ کان سواءِ، ٻيو ڪوبه آواز ڪونه ٿي ٻڌڻ ۾ آيس.

هن مصيبت تي غور ڪري هو فڪرمند ٿي پيو، ۽ ڳڻتيون ڪائڻ لڳو. ٿڪڻ ٻانهن سان ست نڪرندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محسوس ڪيائين. هن تختي تي اٿي ويهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر وري سڄي پاسي ڪري پيو، وري اٿڻ هن لاءِ مشڪل هو، ان ڪري ليٽيو رهيو. جيئن هن جي پسيل ڪپڙن مان ٿڌي هوا بدن کي لڳي تيئن هو سيءُ محسوس ڪرڻ لڳو. ٽڪ جي ڪري عجيب قسم جي بي نستائيءَ ۽ ننڊ مٿس حملو ڪيو.

جڏهن ننڊ جو جهوٽو ٿي آيس ته خواب ٿي نظر آيس، پر هر خواب جو سلسلو ٽٽي ٿي پيو، ڪڏهن جاڳيو ٿي ڪڏهن ستو ٿي، پر تختو پاڻيءَ جي سيني کي چيريندو اڳتي وڌي رهيو هو. سمهڻ، جاڳڻ ۽ خواب ڏسڻ جو سلسلو به جاري هو. اوچتو تختو هڪ هنڌ بيهي ويو. ڌڪي تي اليسن جاڳي پيو. تختو وري ٽورو چريو ۽ پاڻيءَ جي ڪن ۾ ڦرڻ لڳو. اليسن کي پانواٽي اچڻ لڳي. هن سڪن چپن کي پسائڻ لاءِ، زبان ڪڍي پاڻي چکيو، کاري پاڻيءَ سندس طبيعت ويتر خراب ڪري ڇڏي. ايتري ۾ وري به تختو بلڪل هڪ هنڌ بيهي ويو، ۽ اڳتي چرڻ کان پڙ ڪڍي بيٺو، ڪنهن طاقت تختي کي پاڻ ڏي ڇڪيو، تختي ڦيرو کاڌو، ۽ هڪ زوردار جهٽڪي سان اليسن کي هڪ طرف اڇلي اڳتي ترندو هليو ويو.

هاڻي اليسن کي الله جو آسرو هو. هن هيٺ پير ڏکيا ته ڪا شيءِ پير ۾ لڳيس، ۽ چند گهڙين ۾ هو پاڻيءَ جي ڪنن سان لڙندو رهيو، انهن ڦيرن ۽

چڪرن ۾ ڪيس پير واريءَ ۾ لڳندا محسوس ٿيا. ڪنهن اڻ ڄاتل طاقت هنکي ڪمزور ۽ نستو ڪري ڇڏيو هو، ٻانهن ۽ ٽنگن جسم سان ڪوبه ساٿ نه پئي ڏنو، سڄو جسم لهرن ۾ هڪ طرف ڌڪبو ويو، تان جو هنکي پٺن هيٺ ڌڪي ۽ پسيل واري لڳي. اکيون کولي، ڪجهه وقت اهو اعتبار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو، ته هو هاڻي سمنڊ جي گرفت کان آزاد هو، ۽ ڪناري تي اچي پهتو هو. اونڌهه مان وري ڇوليون اڀريون، جن ڪيس وڏيڪ ڪناري ڏي ڌڪيو، هو آهستي آهستي اٿي اڻ ڏٺل منزل ڏي هلڻ لڳو. پيرن هيٺ واري هيس، جنهن ۾ مرين سوڏا پير اندر گهڙي ويا هئس. هو پير ڇڪي اڳتي وڌندو ويو. سڪي تي پهچي ڦان تي ڪري پيو ۽ پسيل ٻانهون منهن تي ڏئي ڏکهو ساهه کڻي اکيون بند ڪري ڇڏيائين.

●

ماڊرن پبليڪيشن جا ڪتاب
سونهن جي ديوي- پيار
هر بڪ اسٽال تي دستياب آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ٢

## اندر ڪو آهي؟

هن جي اک کلي، نيلي آسمان ڏي ڏنائين، آسمان تي ڪوبہ ڪڪر نہ هو. هو اٿي ويٺو تہ ساموندي پکين جو هڪ ولر نرم واريءَ تي، قدمن جا نشان ڇڏيندو اڳتي وڌيو، ۽ ڏسندي ڏسندي ٻوليون ڪندو هوا ۾ اڏامي ويو.

هو هڪ سوڙهي ڀتاريءَ تي هو جيڪا ٻہ فرلانگ ڊگهي، هڪڙي ڇيڙي تي ننڍن ننڍن ٽڪرن جي قطار تي وڃي ٿي ختم ٿي، ۽ ٻئي ڇيڙي ڏي وڻن جي قطار تي وئي.

”آءٌ شايد هنن ٽڪرن کان آيو آهيان هن پنهنجو پاڻ کان پڇيو. هنکي خبر ڪانہ پيئي تہ وقت ڪيترو ٿيو هو، پر تہ ٻہ ايتري پڪ هيس تہ مهل مڙيئي صبح جي هئي.

هن وري سج جي ڏي نهاريو ۽ پڪي طرح فيصلو ڪيائين تہ ڀتاريءَ جر ڪليل پاسو اوڀر ڏي هو جتان سج نظر اچي رهيو هو. اليسن کي گرمي محسوس ٿي هو اٿيو ۽ آهستي آهستي ان طرف هلڻ لڳو جنهن طرف گهاٽا وڻ هئا.

جيئن ئي هو وڻن وٽ پهتو، تيئن ڪيس آسمان

مان گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو. اليسن جلدي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو، هن هڪ هوائي جهاز کي ڏٺو جيڪو ڏکڻ اوڀر کان نظر آيس. اليسن عجب مان انهن ننڍن پاڇن ڏي نهارڻ لڳو جيڪي زمين تي پئجي رهيا هئا. جهاز تمام متي هو، ۽ پيتاريءَ تان ڦرندو اڳتي نڪري ويو. اليسن ايستائين ڪنڌ متي ڪري جهاز ۾ نهاريندو رهيو، جيستائين، جهاز سندس نظرن کان بالڪل غائب ٿي ويو. پوءِ هو تورو اڳتي وڻن جي جهڳٽي ۾ اندر ويو، ۽ هڪ هنڌ ويهي رهيو. هنکي يقين هو ته اهو جهاز جپانين جو هو. هو سوچڻ لڳو ته سندس تختو ڪيئن ڪانئس ڇڏائجي ويو، ۽ ڪيئن هو بچي ويو؟

هو اتي ننيڙي نڪري تي چڙهڻ لڳو. عجب وچان هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو ويو، پکين کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڏٺائين، ۽ پکين جي آواز کان سواءِ ٻيو ڪوبه آواز هن جي ڪنين ڪونه پيو.

هو هڪ پيچري وٽ اچي پهتو، ۽ گهڙي کن اتي بيهي رهيو. پکين جا آواز غور سان ٻڌندو رهيو، ۽ وري غير ارادي طور پيچري تي اڳتي هلڻ لڳو. هو ساڳيءَ طرح لوڏا هڻندو پئي ويو، سندس نڙي سڪي ويئي هئي. خشڪ چپن تي زبان ڦيري مو ويتر بيحال ٿي ويو. هن جي نظر هڪ انگور جي وڻ تي پيئي، ۽ اليسن جهٽ پائي هڪ وڏو ڇڳو پٽي، انگور جا داڻا کائڻ لڳو. انگورن جو ذائقو هنکي اوپرو لڳو،

پر تہ بہ ٽڙي سائي تي ويس. پيچرو مڙي ٽڪريءَ ڏي هليو ويو. اليسن جيئن ٽڪري تي چڙهيو، تيئن هيٺ گهاٽي جنهگل ۾ هن جي نظر هڪ عمارت تي پئي، جيڪا هڪ بنگلي وانگر پئي لڳي، پراڻي عمارت هئي پر نهايت شاندار پئي لڳي.

اليسن هلندو هلندو بنگلي جي اڳيان اچي پهتو. بنگلي جي ٻن پاسن کان ڌاغيچو هو ۽ باغيچي ۾ مالهي جي ڪم جا اوزار پيا هئا، هڪ پڳل گاڏو بہ بيٺو هو جنهن جو هڪ ڦيٿو ڏاڪڻ وٽ پيو هو. صدر دروازي جي اڳيان هڪ ڦاٽل بوٽ جو پادر پيو هو، ۽ ان کان ٿوري مفاصلي تي هڪ پڳل ڪرسي بہ پيئي هئي. اهي سڀ شيون هن ٻيئي ٻيئي ڏسي ورتيون هنن شين مان ڪيس ٻيٺ تي انساني حياتي جي ثابتي ملي ويئي. پر اتي هن ڪي ڪوبہ ڪونہ ڏسڻ ۾ آيو. ماڻهوءَ جو آواز تہ آواز جي ماڳ پر ڪا چرپر بہ محسوس ڪانہ ڪيائين. ڀڙو ويران هنڌ هن کي پريشان ڪرڻ لاءِ ڪافي هو، تہ بہ، دل ٻڌي وڏي سڏ واڪو ڪيائين:

”هيلو“

هن جو آواز خاموشيءَ سان ٽڪرائجي بنا جواب جي واپس موٽي آيو. هڪ بہ منٽ ترسي وري واڪو ڪيائين۔

”اندر ڪو آهي؟“

پر ساڳي خاموشي رهي. هن مڙي پٺيان نهاريو، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو ڪونہ چاڻندو هو، تنهن ڪري اخبارون هـن لاءِ بيڪار هيون، ۽ ٻي ڪابہ ڪمائتي شيءِ هنکي نظر نہ آئي.

ٻي ڪا ڪم جي چيز لڀڻ جي اميد بہ لاهي ڇڏيائين، وراندي ۾ اچي گودي وارين جاين ڏي نهاريائين، ۽ هڪ ڀيرو انهن جاين ڏي وڃڻ جو شوق ٿيس، جيتوڻيڪ ڊنو بہ ٿي، ۽ ان ڊپ جي نوعيت هو خود بہ سمجهي نٿي سگهيو. جتي هـُو هو اتي پاڻکي سلامت ٿي سمجهيائين، ڇو؟ پنهنجو پاڻ تي ڪل اچي ويس، ۽ هڪدم بنگلي ڪان نڪري گوديءَ ڏي هلڻ لڳو. ڪن، آسپاس جي آواز ٻڌڻ لاءِ آتا هئا، پر ڪوبہ آواز ڪونہ هو. اکيون، ڪا انساني شڪل ڏسڻ جي خواهش رکنديون هيون، پر ڪابہ انساني شڪل هن نہ ڏٺي.

اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ هـو وري بنگلي ڏي موٽي رهيو هو، گوديءَ وارين جاين مان هنکي ڪابہ قيمتي شيءِ ڪانہ ملي، رکيو بسڪوٽن جـو اڌ ڊبو ۽ هڪ پڳل چاقو هٿ آيس، اهـي ٻئي شيون اليسن موٽندي پاڻ سان کڻي بنگلي ۾ داخل ٿيو. وري کو خيال آيس، جنهن ڪري بنگلي مـان نڪري پرسان گهاٽي جهنگ ۾ بسڪوٽ بہ لڪايائين، ۽ گهاٽي چيز ڏسي ليٽي پيو، جلدي ئي ننڊ اچي ويس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ٣

## پيچري جي چيڙي وٽ

ٻنپهرن ڏاري اليسن سجاڳ ٿيو، سمهڻ وقت جيڪو ٽڪ هوس سو کهتجي ويو هوس اتي ٿورڙا ناريل ملي ويس، بسڪوٽ ۽ ناريل کائي ويٺو ته وري سگريٽ جي ضروت محسوس ڪيائين، پر جلدي سگريٽ جو خيال دماغ مان ڪڍي ڇڏيائين، ۽ سوچڻ لڳو ته پيو هاڻ ڇا ڪرڻو آهي؟

اوچتو اهو پيچرو ياد پيس، جيڪو ڪنڌ ڪان جهنگل ڏي ويندي ڏٺو هئائين. فيصلو ڪري ورتائين ته ان پيچري جو چيڙو ڏسجي: ”اهو ضرور ڪنهن هنڌ ته ويندو هوندو؟“ پوءِ پنهنجي، پنهنجي منهن ڳالهائڻ لڳو. اوچتو پنهنجي آواز تي حيرت ۾ پئي، پاڻ کي حڪم ڏيڻ واري لهجي ۾ چيائين ”مسٽر خلاصي، پنهنجي پاڻ سان ڳالهائڻ بند ڪر، اها خراب عادت آهي.“

بسڪوٽن جو ڏبو کڻي هن اهو پيچرو ورتو، جيڪو جهنگل جي گهاٽن حصن ۾ هليو ويو، ڪٿي ڇاڙهيون هيون ته ڪٿي لاهيون. پکين جي آواز سندس استقبال ڪيو. ٿورو خوف به ٿيس ۽ سوچيائين ته مون

پل ڪٽي آهي. ڀڄڙي پيچري تي مون کي نہ اچڻ کپي ها. رات پئجي رهي آهي ۽ نانگن بلائن جو خطرو پڻ آهي. اچانڪ پيچرو مٿاهين ڏانهن وڃڻ لڳو ۽ ٿوري پنڌ کان پوءِ اليسن ڏٺو تہ جهنگل جو گهاٽو حصو ھو، سو، هو پٿني چڙدي آيو ۽ هائي چڏا چڏا وڻ هن جي پاسن کان هٽا. سج لهي ويو هو، ۽ اونده ٿي رهي هئي، پيچرو هن کان گم ٿي ويو، هو منجهي بيهي رهيو ۽ اکيون ڦاڙي چئني طرفن ڏانهن نهارڻ لڳو.

اليسن جي اڳيان هڪ ننڍڙي ندي هئي، جنهن تي هڪڙو وڏو ٿلهو ۽ اڻ گهڙيل بند ٻڌو ھو، جيڪو پل جو ڪم ڏيئي رهيو. ان پل جي ويجهو باغ بہ هو، باغ ۽ نديءَ جي وچ ۾ ڪاٺ جي ٺهيل هڪ ننڍڙي عمارت هئي جنهن جي دروازي تي ڪو ماڻهو ويٺل نظر اچي رهيو هو، عمارت تي لوهہ جو نشان ڏسڻ ۾ پئي آيو. اليسن سمجهي ورتو تہ هيءَ ديول هئي.

اليسن ويجهو اچي ڏٺو تہ دروازي تي ”نن“ جي لباس ۾ هڪ نوجوان ڇوڪري ويٺي هئي. جنهن کي مذهبي ڏکهو ۽ ويڪرو ڪارو جبو پيل هو، ۽ اڇي ٽوپي پيل هيس. اليسن ”نن“ کي جاچي ڏسڻ لڳو، ۽ انجي چوڌاري بہ غور سان نهاري رهيو هو. هو ڪنهن نئين، اڻ ڄاتل ۽ خوشگوار واقعي لاءِ تيار ٿي رهيو

چـا ڪجي! وري هيٺ وينو ”نن“ کي چتائي ڏسڻ لڳو. ٿوري دير کان پوءِ آهستي آهستي ڪري ڪيس پنهنجين ٻانهن ۾ ڪنيائين، هوءَ تمام هلڪي هئي، اليسن ڪيس کڻي ديول جي ڏاڪڻ چڙهڻ لڳو، اندر پهچي ڪيس زمين تي ليٽايائين، ۽ ٻاهر نڪري ننڍڙي ندي ڏي ڊوڙيو، ڪناري تي پهچي پاڻ تي ڪل اچي ويس، جو هن پاڻي لاءِ ڪو ٿانو نه آندو ڪونه هو. وٽس بسڪيٽن وارو خالي دٻو به نه هو، اهو به، هو ان هنڌ ڇڏي آيو هو جتان ”نن“ کي کڻيو هٿائين. واپس ڊوڙي اچي دٻو کنيائين موٽي نديءَ تي اچي پاڻي ڀري ديول ڏي وريو، هينئر هو مطمئن هو ۽ ڪنهن به دشمن جو خطرو نه هوس. جڏهن ديول ۾ قدم رکيائين ته نن کي پنهنجي جڳهه تي نـه ڏسي حيران ٿي ويو. اونده ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو، اوچتو هڪ طرف کان ڪنهن نرم لهجي ۾ چيو ”آئون هن پاسي آهيان!“ اليسن آواز ڏانهن وڌيو، هوءَ سنئين ڳات ويٺي هئي. اليسن خوشيءَ ۽ عجب وچان چيو. ”اڙي تو ته مون کي ڊيڄاري ڇڏيو!“ انهيءَ سوال کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ”نن“ خوشيءَ ۽ عجب جي مليل جذبات سان پڇيو ”تون آمريڪي آهين؟ تون ڪڏهن آئين؟ پادري جان تو سان آهي؟“

”محترمه آءٌ امريڪي آهيان، پر مون سان ڳڏ ڪير به نه آهي.“ اليسن چيو ۽ ٿوري دير لاءِ خاموشي

ڇائنجي ويئي. ورري نن چيو:
”پـر تون هتي ڪيئن آئين، تـون اڪيلو هجين، اهو ڪيئن ممڪن آهي؟!“
”محترمه! آءٌ آمريڪي خلاصي آهيان، هن ٻيٽ جي ڪناري تي اج صبح جو پهتو آهيان، ۽ بالڪل اڪيلو آهيان. هاڻ اسين ائين آهيون جيئن چيو اٿن واندا مل هل لهي مل وٺ. خير، آءٌ آرام ڪرڻ تـو چاهيان، هيءَ جاءِ خطري واري ته نه آهي!“
”نن“ چپ چاپ ڪجهه سوچي رهي هئي، هـو جواب جـو انتظار ڪري رهيو هـو. اڳيان ڪا عام عورت نه هئي، هڪ ”نن“ ۽ ”نن“ سان ڳالهائڻ جو اليسن کي اڳ ۾ موقعو ڪونه مليو هـو. مذهبي لباس اوڍيل عورت هن لاءِ اسرار کان گهٽ نه هئي، اليسن ڪجهه گهٻرائجي رهيو هو.
”هي جاءِ سلامتي واري آهي“ نن چيو ”منهنجي جاڻ موجب هتي سلامتي آهي. تون جڏهن آئين تڏهن آءٌ ڪن ماڻهن جو انتظار ڪري رهي هيس، آءٌ هنن جو انتظار تي ڪريان، مونکي اميد آهي اهي جلدي ايندا، تون اندر ديول ۾ آرام وڃي ڪر.“
”۽ محترمه تون .... تون-؟“
”منهنجو فڪر نه ڪر، ڪو پري ڪونه ٿي نڪري وڃان، مونکي ڪو به خطرو ڪونهي.“
”ائين چئي ”نن“ هلي ويئي، اليسن کي افسوس ٿيو جو هوءَ سندس مدد ڪانسواءِ وڃي رهي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”آهہ اجھو هتي ٿو ليٽان.“ اليسن سمهڻ جي جڳهه چوندي ورتي، ۽ ديول جي ان سامهين ڪمري ۾ هليو ويو ۽ ڪنڌ ۾ ليٽي پيو. هڪڙي ٻانهن ڪنڌ هيٺ ڏنائين ۽ گهڙي پل اکيون کولي اونده ۾ گهوريندو رهيو، ۽ ڪيترين ڳالهيون ذهن ۾ پئي آيس. نيٺ ٿڌو ساهہ کڻي چيائين ”ڪيڏي نہ عجيب ۽ ظالم دنيا آهي اڳتي الائي ڇا ٿيندو! ”جيسين لولو کڻي لٽ ٿيسين....“ پوءِ هو سمهي پيو.

---

## ماڊرن پبليڪيشن جي
## ڇوٿين پيشڪش
# بد نصيب عاشق

البرٽو موراويا جي سدا جوان ڪهاڻين جو مجموعو

## جلد شايع ٿي رهيو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ۴

## هن جي ۽ هن جي ڪهاڻي

صبح مٿي چڙهيو ته اليسن کي سجاڳي ٿي، هوا به گرم هئي ۽ برسات پئجي رهي هئي، ڦڙين جي ٽپ ٽپ ديول جي ڇت تي عجيب ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي هئي. دروازي مان به هن ڏٺو ته تيز ڦڙيون پئجي رهيون هيون. وايو منڊل برسات جي آواز ۽ بوءِ سان ڀر هو. اليسن اٿي در وٽ آيو، ٻاهر غور سان نهارڻ لڳو ۽ ”نن“ جي يادگيري پيس. موٽي ورانڊي مان ٿيندو ديول جي پٺي ڇيڙي وٽ آيو ۽ ”نن“ کي ڏٺائين، هوءَ گوڏن ڀر ويٺي هئي، شايد عبادت ٿي ڪيائين. اليسن هٿن سان پنهنجي منهن کي مهٽيوءِ نن ڏي ڇتائي نهاريائين، پوءِ هڪ ٿنڀي کي ٽيڪ ڏيئي زمين تي ويهي برسات جو نظارو ڏسڻ لڳو.

جلدي هن نن کي چرندي ڏٺو، هوءَ اٿي ڏانهس اچڻ لڳي. هاڻي ڪافي روشني پکڙجي چڪي هئي. نن جو منهن جيڪو مٿي واري اڇي ڪپڙي سان اڌ ڪان وڌيڪ ڍڪيل هو، سو ڏسي، اليسن اندازو لڳايو ته هوءَ جوان ڇوڪري هئي، هن جي اکين ۾


Scanned with CamScanner

"کھڙو نہ مزو ٿئي جو ٻاھر وڃي، برسات ۾ وھنجي ٻت ٺاري سستي دور ڪجي."

"نہ" نسن نرم پر اسڪول ماستر وانگر نصيحت جي انداز ۾ چيو "انھيءَ ڪري تہ ماڻھن کي ٻخار اچي ٿو."

بھرحال انھي جواب جي ڪري اليسن ھمت ڇڏي وڏيڪ ڳالھائڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ چيائين. "منھنجو نالو ھنئڪ اليسن آھي، جيئن مون توکي ٻڌايو آءٌ خلاصي آھيان. اسين فلپائن وڃي رھيا ھئاسين، اھا خبرئي ڪانہ ھئيسين تہ جنگ لڳندي ۽ جنگ لڳي ان ۾ وڙھياسين ۽ موٽندي.... خير"

"جيڪڏھن اھي ڳالھيون توکي ذھني پريشاني ڏين ٿيون تہ نہ ٻڌاءِ." نسن نرميءَ سان چيو. ٿوري ھمدرديءَ اليسن کي گھڻي ھمت ڏني ۽ ڦڪي مرڪ سان چيائين:

"نہ نہ! آءٌ پريشان ڪونہ ٿو ٿيان. پر جي ٿيان بہ ڪٿي تہ بہ ان ۾ منھنجي ڀلائي ھوندي. ڪيتريون ڳالھيون منھنجي ذھن مان نڪريو وڃن، حافظو سٺو ڪونھيم، جنگ ۾ افراتفري جو عالم ھو، اسان مان تمام ٿورا وڃي بچيا. ھڪ رات سمنڊ جي ڪناري تي آياسين، اسين فقط ڇھ ڄڻا ھئاسين. ڪناري تي پريشانيءَ ۾ پئي ھلياسين تہ اوچتو ھڪ ساٿيءَ جي نظر ھڪڙي لانچ تي وڃي پيئي، اونده ھئي، ويجھو وڃي ڏٺوسين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ته ڪناري تي ڪتل ڪلي ۾ مضبوط رسيءَ سان ٻڌل هئي، ۽ بالڪل خالي هئي. ها منجهس ٻه وڏا تختا پيل هئا، ڪجهه ڪاٺو، پاڻيءَ ۽ هڪ مشين گن به هئي."
اهڙي طرح اليسن پنهنجي ڪهاڻي بيان ڪندو ويو، سڀ ڳالهيون پوري اعتماد سان پئي ٻڌايائين.
"لانچ ۾ چڙهي ويناسين ۽ مون مشين جي پڙتال شروع ڪئي، اهڙو تجربو اڳ ۾ ئي هوم، اهو تجربو ڪليفورنيا وچي بحري ٻيڙي ۾ شامل ٿيڻ کان به اڳ حاصل ڪيو هوم. ڪپتان مون کان پڇيو ته هي لانچ هلائي سگهندين؟ مون هائوڪار ڪئي ۽ تيار تي لانچ جي مشين چالو ڪري ڪيس هاڪاريم واقعي لانچ جي مشين طاقتور هئي." ان طاقت کي ياد ڪرڻ لاءِ اليسن چپ ٿي ويو ۽ وري چيائين: "مونکي هينئر سگريٽ ڪيتري قيمت ۾ به ملي ته جيڪر وٺان، خير (ٽڏو شوڪارو پري) اسين لانچ ۾ ٻئي صبح تائين سفر ڪندا رهياسين، ان وقت برسات پئجي رهي هئي. اوڀر طرف تي ڪنارو نظر آيو، ۽ ڏوڪي اچي ڪناري لڳاسين لانچ کي رسيءَ سان ڪناري تي بيٺل وڻ ۾ ٻڌي ڇڏيوسين ۽ سڄو ڏينهن ترسيا پيا هئاسين. لانچ ۾ لڳل نقشن جي گهري اڀياس کان پوءِ ڪپتان ٻڌايو ته اسين ڏچ آبادين کي بالڪل ويجها آهيون ۽ هتي جي اميريڪي بحري ڪئمپ کي اطلاع ڏيون. محترمه مشڪل هيءَ هئي جو اسان کي ڪا خبر نه هئي ته

اسان جي بحري ڪئمپ ڪٿي آهي؟“ اليسن، نن ڏي انهي اميد سان نهاريو تہ شايد هوءَ ڪا اهڙي خبر ٻڌائيندي، پر نن رڳو ڪنڌ لوڏيو ۽ چيائين ”مونکي بہ ڪا خبر نہ آهي ۽ اهڙو ڪو ذريعو ڪونهي مسٽر اليسن.“

اليسن ڪنڌ ورائي برسات جي بوندن ڏي نهاريو ان وقت ذهن ۾ ڪيترائي ٽڙيل پکڙيل خيال هئس. برسات بند ٿي رهي هئي. اليسن ڪڪ تي پيو ۽ تڏهن ماه ڪٿي، نن ڏي نهاريائين تہ وري هن جي موجودگي جو احساس ٿيس، ۽ ڏانهس دلچسپيءَ سان چتائي ڏسي چيائين ”محترمہ معاف ڪجو منهنجا خيالات مونکي اڪثر پريشان ڪري ٿا ڇڏين، ۽ اهو احساس ڏي ڪونہ رهيم تہ اوهين مون سان گڏ آهيو.“

”ٺيڪ آهي“ نن جي مرڪ ههڙي ڪنن وايومنڊل ۾ اليسن کي ڏاڍي مٺي ۽ وڻندڙ لڳي ”ها پوءِ ڇا ٿيو؟“

”اونده ٿيڻ کان پوءِ وري بہ لانچ ۾ چڙهي پياسين ۽ ساڳيو سفر ڏکڻ جي طرف جاري رکيوسين، ڇو جو سمجهيوسين تہ انهيءَ ۾ سلامتي آهي: اوچتو ڏهين لڳين طوفان جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا، ڪپتان انجڻ جي جاچ پڙتال ڪرڻ لڳو ۽ سڀ خبردار ٿي وياسين. انجڻ بالڪل ٺيڪ هئي. اوچتو ڪا شيءِ لانچ کي اچي لڳي يا لانچ ڪنهن شيءِ کي وڃي لڳي، پوءِ خبر نہ

پنجي سگهي. هڪ تمام تيز روشني ڏسڻ ۾ آئي جهڙي مون ڪڏهن به نه ڏٺي هئي. پوءِ ڏسڻ ۾ ڪجهه ڪونه آيو ۽ اسين پاڻيءَ هيٺ هئاسين. مون پنهنجو پاڻ کي چيو اليسن اڄ تنهنجي پڇاڙي اچي وئي. اوچتو لانچ وارن تختن مان هڪڙو مون ڏي ترندو آيو، مون ڦرتاڻيءَ مان انکي پڪڙيو ۽ مٿس چڙهي ويٺس ۽ گهڙي کن ۾ مٿس ليٽي پيس ۽ ڪا خبر ڪانه پيم سمنڊ ۾ سختيون سهندو ۽ ڏڪا ڏوما کائيندو رهيس، قسمت سان تختي به سات ڇڏيو، ۽ لهرن جون لپاٽون کائي اچي هن ڪناري تي پيس."

اليسن پيالي مان برسات جي پاڻيءَ جا به ڍڪ پريا، ۽ برسات ڏي غلط انداز جي هڪ نگاه وڌائين. وري نن ڏي نظر ڪيائين جيڪا هيٺ ڪنڌ ڪريو پنهنجو چهرو هٿن ۾ لڪايو ويٺي هئي، ڪجهه پڙ پڙ نه ڪري رهي هئي، جيڪا اليسن کي سمجهه ۾ نه آئي. سمجهيائين ته هوءَ عبادت ۾ مشغول هئي. اليسن اٿڻ وارو هو ته نن مٿي ڪنڌ کنيو ۽ پڇيائين "هتي تون ڪڏهن آئين؟"

"ڪالهه صبح جو."

"۽ تو، مون کان سواءِ ٻيو ڪنهن کي به نه ڏٺو آهي؟"

"نه بالڪل نه!" هن پاسي گوديءَ جون عمارتون ۽ هڪ ننڍيو بنگلو آهي، ۽ بس ٻيو ڪو به آدمزاد


Scanned with CamScanner

ڪونهي.“ اليسن عمارتن ڏي هٿ سان اشارو ڪيو ”مون هر طرف ۽ هر چيز ڏي نهاريو آهي، ۽ پوءِ پيچرو وٺي هن پاسي اچي نڪتس. پانيان تو تہ پيو ڪير بہ هن پيٽ تي ڪونهي.“

نن جيتوڻيڪ ٿڪل پئي لڳي تہ بہ مرڪڻ لڳي، ۽ چيائين- ”خدا هر ڪم لاءِ وقت مقرر ڪيو آهي، هينئر هن توکي منهنجي مدد لاءِ موڪليو آهي.“

اليسن کي نن جي هن رايي تي عجب بہ لڳو، پر خوش بہ ڏاڍو ٿيو. هن اڳ ئي سمجهيو هو تہ نيٺ هوءَ سندس منت محتاج ٿيندي. هنڪان اڳ هوءَ پنهنجي پيرن تي بيٺي هئي، پر هاڻي اليسن جي مدد جي ضرورت محسوس ڪيائين ٿي.

اليسن اڪثر پنهنجي پاڻ لاءِ سوچي غمگين ٿيندو هو، تنهنڪري هاڻي هن نوجوان ۽ خوبصورت نن جي گهٽي بہ رکڻي پيئي، هو آمريڪا جو هڪ اهڙو خلاصي هو جيڪو دشمن جي گهيري ۾ هو ۽ پڇڻ گس بہ نظر نٿي آيس، سندس خيال ۾ معجزي کان سواءِ پيو ڪوبہ رستو ڪونہ هو، جنهن جي وسيلي هو وطن وري سگهي. اهڙن معجزن ۾ وري اليسن جو اعتماد نہ هو. هن جيڪي چاهيو ٿي سو هي هو تہ هو دشمن کان دور ۽ سلامت رهي، وطن پهچڻ تہ ناممڪن پئي نظر آيس.

نن جو هڪ سادو ۽ غير ارادي رايو، اليسن لاءِ

اهميت وارو هو. هڪ محب وطن خلاصي، اڄ ٿن جي اڳيان گذريل ڳالهيون وساري بره جو نئون باب شروع ڪرڻ بابت سوچي رهيو هو. جيڪڏهن هن جي اڳيان ڪا معمولي ڇوڪري هجي ها ته، اليسن دل جون سڀ ڳالهيون ڇئي وجي پار پئي ها، پر هوءَ ڪٽر مذهبڻ هئي، ان ڪري اليسن مجبور ۽ بيوس ٿي پيو هو، ۽ هنڪان همت موڪلائي ويئي هئي. ٿن هن لاءِ هڪ اهڙي پرولي هئي، جا هو سلي نه ٿي سگهيو. اهو سندس ايمان هو ته ٿن پياري ۽ پاڪ مخلوق مان ٿئي ٿي، ٿنون دنيا جي هنگامن کان دور رکيو ڏٺيءَ جي ياد ۾ مشغول آهن، ۽ ديول جي پٽين کان سواءِ ٻيو ڪير به انهن جي جسر کي ڏسي ٿتو سگهي. پر هتي اليسن هڪ اهڙي ٿن کي جهنگل ۾ اڪيلو ملي ويو هو، هائي پيٺي جنگ جي خطري ۾ بہ پوري طرح گهيريل هئا. ٿن وري سمجهي رهي هئي ته اليسن کي خدا، خلاصيءَ جي روپ ۾ سندس مدد لاءِ موڪليو هو.

اليسن کي جيڪي خيال پئي آيا، ٿن ساڻ، هو خوش ڪونہ ٿيو ٿيو، ۽ ٿنهي کي پتا ڏيو بيٺو هو، دل پٺتي ورائي چڏيا هئائين.

”محترم“ هن ٿن ڏي نهاري چيو ”مونکي اهڙي اميدڻي نه هئي ته هتي آءٌ توسان اچي ملندس.“

آءٌ سينگاپور ۾ هيس- ٿن چيو ” آءٌ انهن خادمن مان آهيان، جيڪي ڳوٺن ۾ وڃي غريبن ۽ بيمارن جي

ڪري ڇڏيو آهي، انهن ماڻ ڪوبہ ڪوٺہ موٽيو، پر
بئي ڏينهن تي انهن جي بدران، خداوند توکي موڪليو
آهي. اها آهي منهنجي مختصر ڪهاڻي.“ ائين چئي هو
عبادت ۾ مشغول ٿي ويئي.

اليسن اڃان بہ ڪجهہ ٻڌڻ ٿي چاهيو، پيو نہ تہ
بہ، پاڻ بابت نن جي راءِ ٻڌڻ لاءِ آتو هو. ايتري خبر
پيس تہ هي ننڍڙو ٻيٽ بس جنگ جو نشانو هو. هـو
سوچڻ لڳو تہ هوڏانهن هڪ نن پنهنجن ساٿين کان ڇڄي
ڌار ٿي آهي، ۽ هيڏانهن هڪ خلاصي. قسمت ٻنهي جي
ملاقات ڪرائي آهي، هن وڏيڪ سوچيو تہ اسان ۾ همدردي ۽
جو جذبو آهي، پر اُن جذبي لاءِ ڪهڙا لفظ استعمال
ڪجن. اوچتو نن ڏي نهاري پڇڻ لڳو:

”جيئن اوهان جا ساٿي ويا آهن، تيئن اوهان ڪنهن
کي بہ نہ ڏٺو آهي؟“

”توکان سواءِ ڪنهن کي بہ نہ.“

”شايد اسين ٻئي هتي گهڻو وقت رهون.“ اليسن چيو.

”منهنجو بہ اهو خيال آهي.“

وري ٻئي خاموش ٿي ويا، ۽ سندن توجهہ مينهن
ڏي ڇڪجي ويو.


Scanned with CamScanner

# باب ۵

## پرواز

انهن ٻن ڏينهن اسان جي خلاصي اليسن، ۽ نـن انڃيلا نئين ماحول ۾ رهڻ جا نوان تجربا حاصل ڪيا، هڪ قسم جي سکيا هئي جيڪا ٻنهي کي ملي رهـي هئي. اليسن کي اهڙو ڪجهه تجربو اڳ هو، جيڪو هن کي جنگ شروع ٿيڻ کان اڳـ فلپائن ۾ حاصل ٿيو، اُتي هو ڏهه ٻارهن هفتا جهنگ ۾ رهيو هـو، ۽ اهڙي فوجي تربيت به هيس. هو فطري طور پاڻ تـي ڀروسو رکڻ وارو، خوش طبع ۽ عملي قدم کڻڻ وارو هو. خيالي ۽ پاڻ لاءِ خود تڪليف پيدا ڪرڻ وارو نه هو. مستقبل بابت اڳ ۾ گهوڙا نه ڳاڙيندو هو، انهن سببن جي ڪري هو انڃيلا جي شخصيت تي ڇانئجي ويو. مرد هو؛ ان ڪري نن لاءِ رهبر به ٿيو، ۽ هوءَ به کيس اهميت ڏيڻ لڳي.

انهيءَ لاءِ اهميت ڪونه ٿي ڏنائينس، جيئن اسين سمجهون ٿا! نن جي ايمان، اعتماد، سالن جـي مذهبي تربيت ۽ زندگيءَ جي اعليٰ مقصد هن کي دنيا جي عام دستور ۽ عام ڳالهين کان بي پرواهه ڪري ڇڏيو هو. اليسن هن جي گفتگو ۽ گنڀيرتا کي ڏسي رايو قائم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ويٺو ته، هوءَ عام عورت نه هئي. هڪ اهڙي جيو مثل هئي، جيڪو ڪائيندو، پيئندو، سمهندو هجي، پر ڪيس حفاظت جي ضرورت هجي. ٻي طرح هوءَ مڪمل اسرار هئي.

نن جون عبادتون، خيالات ۽ زندگي گذارڻ جو انداز: اليسن لاءِ مقدس ته هو، پر سمجهڻ ڪان ٻه ٻاهر هو. اِنهن ڳالهين بابت هو ساڻس گفتگو ڪرڻ ڪان ڪيٻائيندو هو. پر هوءَ ٻه پنهنجي عقيدي بابت گهٽ ڳالهائيندي هئي. اليسن ڪان عقيدا ٻه نه پڇندي هئي. ٻنهي هڪٻئي جي عقيدن ۽ جذبات جو قدر ڪيو، ۽ ائين ٻيٽ جي ماحول ۾ زندگي گذارڻ لڳا.

ٻيٽ تي پاڻي گهٽيئي هو، ڪاڏي جي ٻه ڪا اٿاٿ نه هئي: ميون جي ڪوٽ نه هئي، جهنگي جانور ۽ پکي شڪار ڪرڻ لاءِ گهٽا هئا، اتي ٻاهر ٻارن جو ڪو انتظام ڪونه هو، انهيءَ ڪري اليسن ڪڏهن پکي ۽ مڇي پڪڙڻ جي ٻه ڪوشش نه ڪئي.

ٻيٽ هڪ ميل ويڪرو ۽ اتر ڪان ڏکڻ تي ميل ڊگهو هو، اتر اولهه جي ڪنڌ تي ڪيترين ئي ٽڪريون هيون. سڄي ٻيٽ جي ايراضيءَ ۾ هنن ڪي جيڪا ٽڪري پسند آئي سا ايرندي پاسي هئي. اِن ٽڪريءَ ڪان هيٺ وارياسي زمين هئي ۽ تورو پرتي گودي هئي.

هڪ ڏينهن اليسن اهو قتل ڳوٺ وچي ڏٺو، جنهن جو ذڪر انئجيلا ساڻس ڪيو هو. آتي ڪم جي ڪاٻ


Scanned with CamScanner

شيءِ نہ هئي، ائين ٿي معلوم ٿيو تہ بمباريءَ کان پوءِ اتي ڪير اچي ڪم جون سپ شيون ڪٺي ويو هو. اليسن کي خبر ڪانہ پيئي تہ اهو نامعلوم شخص ڪم جون شيون ڪهڙي پاسي ڪٺي ويو هوندو. هن سوچيو تہ اهو شخص بورنيو، جاوا يا آسٽريليا ويو هوندو! پر نقشي جي تہ اليسن کي چاڻ خير ڪا هئي، خبر تہ اها بہ نہ هيس تہ پاڻ ڪهڙي پيٽ تي ويٺو هو.

اٽڪل هفتي کان پوءِ اليسن، انجيلا کي ديول ۾ چڏي، ندي ۾ وهنجڻ ويو. هو پاڻي ۾ گهڙيو، ۽ جيئن ئي مٿي نهاريائين تيئن تي هوائي جهاز مٿان اڏامندا نظر آيس، جڏهن اهي پري نڪري ويا، تڏهن پاڻيءَ مان ٻاهر نڪري وڻن جي گهاٽي جهڳٽي ۾ وڃي ڪپڙا پائڻ لڳو. اجان ڪپڙا پائي ئي رهيو هو تہ، وري بہ جهاز هڪ گول چڪر ۾ پرواز ڪندي ڏنائين جيڪي ٿوري دير ۾ گم ٿي ويا.

پندرهن ويهن منٽن کان پوءِ جڏهن ديول ۾ پهتو تہ انجيلا جي اکين ۾ ڪيترائي سوال ڏٺائين. انهن اڻ پڇيل سوالن جي جواب ۾ اليسن چيو:-

”جپاني هوائي جهاز ٿي ڏٺا، شايد ڪنهن جي ڳولها ۾ هئا. پانئجي تو تہ وري موٽي ايندا.“

انجيلا آهستي آهستي قدم کڻندي سندس پرسان اچي ويٺي، ۽ پريل آواز ۾ پڇيائين- ”يلا اسان لاءِ هاڻي بهتر قدم ڪهڙو ٿيندو؟“

”اسان وڏيڪ ڇا ڪري سگهون؟! پر سسٽر، هڪ ڳالهه جي پڪ آهي ته هاڻي هن ديول ۾ وڌيڪ رهي نه سگهنداسين. هاڻي اسين هوائي جهازن تي اهو ظاهر ٿيڻ نه ڏينداسين ته، هتي ڪو رهي ٿو، جيڪڏهن خبر پئجي وئي ته ڪو آهي ته پوءِ ايستائين پيا ڳولهيندا جيستائين اسان کي اچي پڪڙين. هاڻي پاڻ کي گهرجي ته جهنگل يا ٽڪرين ۾ هلي ڪو ٺڪاڻو ڳوليون. بهتر ٿيندو جو ڪا ڇر يا ڪڏ ڪوني ان ۾ رهون، ۽ مٽان وري گاهه يا ڪک پن وجهي انکي ڍڪيون، تنهن کان سواءِ ديول جي اندر به زندگيءَ جي آثارن جي ثابتي نه ڇڏبي، جيئن دشمن سمجهي ته، هتي ويجهڙائي ۾ ڪو رهيو ئي ڪونهي. هن مان گهٽو فائدو نه ٿيوسين ته هڪڙو موقعو آهي. جو آزمائي ڏسون.“

”ديول نه به هجي، ته به هو جي هوائي جهازن ۾ هيٺ لهي آيا ته، ضرور سڄي ٻيٽ جي ڪنڊ ڪڙڇ ڳولهيندا.“ انجيلا پنهنجو انديشو ظاهر ڪيو.

”ائين به ٿي سگهي ٿو.“ اليسن چيو ”پر ممڪن آهي اهڙو خيال نه اچين، جيڪڏهن هو هتي رهڻ لاءِ اچي، ۽ ڪي ماڻهو مستقل طور ڇڏي ٿا وڃن ته، پوءِ اها ڳالهه ته ويتر اسان جي حق ۾ ثابت ٿيندي. جيڪڏهن هنن جا ماڻهو ٿورو وقت رهي ان نتيجي تي پهتا ته هتي ڪير به ڪونهي، ۽ ٻيٽ هنن جي ڪنهن ڪم جو ڪونهي ته پوءِ هليا ويندا. پر سسٽر اها سوچ

اسان جو آخري سهارو آهي، انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ڪونهي."

"آءٌ سمجهان ٿي-" نن چيو- "تون جيڪو بهتر سمجهين، آئون ائين ڪرڻ لاءِ تيار آهيان."

"آءٌ ائين ڪو نه ٿو چوان ته منهنجو ٻڌايل طريقو هرويرو ڪامياب ويندو. آءٌ سمجهان ٿو ته هيءَ هڪ تجويز آهي، هن تي عمل نه ڪرڻ پاڻ سان دشمني ڪرڻ جي برابر آهي. ممڪن آهي ته، اسين دشمن کان ائين محفوظ رهي سگهون." جملو ختم ڪري اليسن اٿيو ۽ چيائين "هلو ته هلون."

جيئن ائنجيلا هن جي پٺيان هلندي، نديءَ جي پل پار ڪري، ٽڪريءَ تان، تيندي، جهنگ ۾ پهتي ته ڪيس اليسن ۾ نئين تبديلي محسوس ٿي. پاڻيائين پئي ته منجهس نئين همٿ ۽ نئين طاقت اچي ويئي هئي. هيتري گرميءَ ۾ هو ايترو تکو ٿي ويو، جو ائنجيلا پنهنجي ويڪري مذهبي لباس ۾ وچڙيو پئي پيئي، ۽ اليسن کي پهچي نه ٿي سگهي. زبان سان ڪجهه به نه چيائين ۽ پٺيانئس ڊوڙندي پئي ويئي. هڪڙي ٽڪريءَ تان لٿا ٿي ته ٻيءَ تي چڙهيا ٿي.

جڏهن ٽڪرين تي لهندي چڙهندي ڪلاڪ ڏيڍ لڳي وين، ۽ اليسن هڪڙي ٽڪري جي پاسي کان ڦري، سنئين پٽ تي پهچي اتي ويهي رهيو، اتي گاهه به هو. ائنجيلا ڏي نهاريائين، هوءَ بالڪل ٿڪجي پئي

هئي، ۽ هوءَ ٻه چار قدم هلي هڪ وڻ جي ڇانو ۾ ويهي رهي، ساهه پيٽ ۾ پورو نٿي آيس، پير ساهڻ لاءِ بوٽ جا سما کولي ڇڏيائين.

”آءٌ ڀانيان ٿو هي هنڌ بالڪل موزون آهي“ اليسن پنهنجي انتخاب جو داد گهريو ”اچوڪي رات ديول ۾ هلي رهنداسين صبح جو سوير هتي اچي ڪا پناهگاهه ڳولهينداسين. مون وٽ پناهه گاهه ٺاهڻ لاءِ ڪي به اوزار نه آهن، تڏهن به سمجهان ٿو ته ڪجهه نه ڪجهه بنائي وٺندس.“

انئجيلا ڪوبه جواب نه ڏنو، ۽ پنهنجي چوڌاري اوپري وايو منڊل ۾ اکيون ڦاڙي ڏسي رهي هئي، بالڪل بيهمت ٿي پئي هئي. ديول جو ماحول پوءِ به هنکي مانوس لڳو ٿي. هوءَ الائي ڇو ائين سمجهڻ لڳي هئي ته، جيستائين ديول سلامت رهندي تيستائين آءٌ به محفوظ رهنديس. هاڻي هي جهنگ جو ماحول هن لاءِ غير اطمينان بخش هو، وڻن جي پتين ڪان سواءِ ٻي ڪا پت به نه هئي، ڇت جو ته اجان سوال ئي پيدا نه ٿيو هو. هوءَ لڙڪ روڪي نه سگهي، ۽ ٿورو پاسيرو وڃي منهن هٿن سان لڪائي ڇڏيائين. عجب وري هي ٿيو جو، عبادت ڪري به نه سگهي، ۽ رڳو ٻوڙها ڳاڙيندي رهي.

اليسن چپ چاپ ويٺو رهيو، انئجيلا جي ڏک جي نوعيت به سمجهي نه سگهيو. منجهي پيو ته ڪيئن هن

جي ڏاجوئي ڪريان؟

اليسن وڻن ڏي نهاريو، وچ واري خال مان نظر سڌي سمنڊ تي ٽِڪي پيئي. هن جي دل ۾ مايوسيءَ جي ڪري ڪوماڻجي رهي هئي. هو انجيلا لاءِ ترسيو رهيو جيئن هوءَ حواس درست ڪري ڏانهس نهاري. نيٺ پاڻ وٽس ويو ۽ چيائين. ”سسٽر! توکي دلي رنج پهتو آهي، فڪر نه ڪر، جي دشمن توکي گرفتار ڪري ڪيو، ته به هوءَ تنهنجي عزت ڪندا.“

انجيلا چوغي جي پاند سان لڙڪ اگهيا، ۽ غمگين صورت سان اليسن ڏي نهاري چيائين. ”آءٌ توسان رهنديس.“ اهي لفظ هن تمام آهستي ۽ نرمي سان چيا، ۽ وري ٿورو ڏاڍيان چيائين. ”معاف ڪجِ آءٌ ڪجهه بي همت ۽ مايوس ٿي پيئي هيس، شايد اهو ٿڪ جي ڪري ٿيو، نيٺ ته آءٌ عورت آهيان. هاڻي ڀلا واپس هلون.“ ائين چئي هو اٿي بيٺي.

اليسن چريوئي ڪين ۽ ڪنهن اونهي خيال ۾ ٻڏو، سمنڊ ڏانهن نهاريندو رهيو، پوءِ چيائين. ”مونکي هنن ڏن هوائي جهازن جو فڪر آهي. انهن جو مقصد ضرور ڪنهن ڪي ڳولهڻ آهي، هنن ضرور ديول ۽ گوديءَ واريون عمارتون ڏٺيون هونديون.“ ٿوري دير کان پوءِ انجيلا ڏٺو ته اليسن جي چهري تان شڪ شبهي جا آثار گم ٿي ويا، شايد هو ڪنهن فيصلي تي پهچي ويو هو.


Scanned with CamScanner

سستيءَ، آءٌ پانيان تو نه ديول هاڻي محفوظ نہ آهي، ۽ انهيءَ وقت کان خطري ۾ آهي جڏهن کان هوائي جهازن جي مٿس پرواز ٿي. منهنجو خيال آهي ته هاڻي هتي ڪي ٿڪي پئون، آءٌ وچــي ديول ۾ اهي نشانيون ختم ڪري ٿو اچان جنکي ڏسي دشمن کي ڪو شڪ پوي. تون هتي ترس.“ اليسن جو لهجو حاڪماڻو ٿيندو ويو. انجيلا اجان احتجاج ڪري، تنهن کان اڳ هو ٽڪريءَ تــان لهي هليو ويو. هوءَ وڻ جي ڇانءُ ۾ ويهي ڪي دعا جا لفظ چوڻ لڳي. آهستي آهستي سندس چهري تان خوف هراس ۽ انتظار جــا آثار گم ٿيندا ويا، ۽ اطمينان بکڻ لڳو، ائين پئي لڳو ته هوءَ سمهي پيئي هئي.

اليسن موٽيو تہ سندس هڪ هٿ ۾ بسڪيٽن جو خالي دٻو هو، ٻئي هٿ ۾ ٻہ پيالا، ڪي ڌاڳا ۽ رسالا هئا. اهي شيون انجيلا جي پرسان رکي پاڻ بہ ليٽي پيو. اٽڪل اڌ ڪلاڪ کان پوءِ هــو وري بہ انجيلا کي ترسڻ جو حڪم ڏيئي. سمنڊ جي ڪناري وارين جاين ڏي هليو ويو. اتي پنهنجي ٻيگل چاقوءَ جي مدد سـان ڪي رسيون ڪاٽـي ڪنيائين، ڪي تختا ڪي ڪاغذ ڪوڪا ڪنيائين ۽ موٽندي هڪ ٻيگل گاڏي جا لوه جا پترا بہ ڪنيائين. هڪ ٻيگل ڪرسيءَ جو ڪپڙو توڙي ڪي ڪاغذ بــہ هٿ آيس، هن سيني شين کي هن ڪيئن استعمال ڪرڻ ٿي گهريو سو فقط پاڻ ٿي

ڇاتائين. وري بنگلي جي ڇت تي وڃي چڙهيو ۽ آتان
ٻه لوهه جا ٻرچ لاٿائين، ۽ سڀ شيون واري واري سان
ڪٽي انئجيلا جي اڳيان اچي ڍير ڪيائين.

سج لهي ويو هو، اليسن ٽڪجي ليٽي پيو ۽ ننڊ
ڪٽي ويس. انئجيلا غمگين نظرن سان ڪجهه وقت کيس
ڏسندي رهي، پوءِ آٽي هڪڙو پيالو ڪنيائين ۽ نديءَ
ڏي هلي ويئي. پنهنجو هٿ منهن ڌوتائين، پاڻي پيتائين،
۽ پيالو پاڻيءَ سان ڀري ستل خلاصي وٽ موٽي آئي.
گهڻي دير ويٺي رهي، اوچتو اليسن سجاڳ ٿي اٿي ويٺو
چوڌاري ٻيلن وٽان جهنگلي جانورن جا آواز پئي
آيا صاف آسمان ۾ تارا ٽمڪ ٽمڪ ڪري رهيا هئا،
پر ايترو روشن نه هئا. انئجيلا پيالو اليسن کي ڏنو،
۽ هو سڄو پيالو پي ويو، شوڪارو ڀري آهستگيءَ سان
سان چيائين- ”ميون ۽ پاڄين سان اسان کي گهڻي
قوت ڪونه ملندي، ڪٿان گوشت ملي وڃي ته ڪهڙو
نه چڱو ٿئي!“

”هي ڪوڪا ۽ ٻرچ ڪهڙي ڪم ايندا؟“ انئجيلا پڇيو.

”اسانجي پناه گاه لاءِ ڪم ايندا، اسان کي هاڻي هتي
رهڻو آهي، انهيءَ لاءِ ضرور ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو
پوندو“ ائين چئي هو ٽپ ڏيئي اٿيو، سندس ڪنڌ مٿي
هو، انئجيلا به آسمان مان هوائي جهازن جو آواز ٻڌو-
اليسن رڙ ڪري چيو ”مون ڄاتو ٿي، ڏس هو وري
اچي ويا!!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻني ڇٽا هڪٻئي جي پرسان هوائي جهازن جي انجڻين جو گوڙ ٻڌي رهيا هئا، جيڪو اتر اوڀر ڪُنڊ کان اچي رهيو هو؛ آهستي آهستي اُهو گوڙ عين سندن مٿان، ۽ پوءِ سندن چوڌاري ٿيڻ لڳو. اوچتو تيز سفيد روشني اونده ۾ ترڻ لڳي، ۽ آهستي آهستي هيٺ اچڻ لڳي، ۽ روشني جي مٿان ڪي ڇيخن جهڙا آواز اچڻ لڳا، جلد ئي بمن جا آواز اچڻ لڳا، جيڪي ديول واري ماڙيءَ تي ڪري رهيا هيا، جنهنڪري فضا نه رڳو ڳاڙهين ۽ ساين روشنين سان ڀرُ تي ويئي پر باه جا شعلا به پڙڪڻ لڳا.

تنهن سان گڏوگڏ گودي وارين عمارتن ڏانهن به بمن جا ٺڪاءُ ٻڌڻ ۾ آيا. انئجيلا پنهنجي سيني تي صليب جو نشان بنائي رهي هئي، اکين مان اُٺڪڻ جون لارون وهي رهيون هيس. اليسن اونده ۾ لڙڪ ڏسي نه سگهيو. بمباري ختم ٿي ته ساري جهنگ ۾ بالڪل خاموشي ڇانئجي ويئي. نن ۽ خلاصي ارادو ڪرڻ کان پوءِ به اهو احساس دور ڪري نه سگهيا ته دشمن سندس ڪولها ۾ نه آهي، هنن ائين ٿي ڄاتو ته رات توڙي آسمان دشمنن جي چالبازين ۾ شامل هو، ۽ ڪين آسمان مان وڏو خطرو هو. نيٺ اليسن پاڻ تي ضابطو ڪري ويو، ۽ پنهنجي ساٿيءَ کي ٻڌ ٻڌ ڪندو ٻڌائين.

”تون ڇا ٿي چوين؟“

”آءٌ عبادت پيئي ڪريان“ انجيلا وراڻيو.
”وڃي عبادتون ڪر!“ اليسن جو لهجو ڪي قدر سخت هو، ڇو جو هن کي عبادت جي نتيجي ۾ ڪو يقين ڪونه هو ”هو موٽندا، هو ضرور موٽندا.“
ان رات واقعي وري ٻه ٻيرا هوائي جهازن جي پرواز ڪرڻ جا آواز آيا. آخري ٻيڙو هو تعدا ۾ گهڻا هئا ۽ ٻر ٻه وڏيڪ آڇلايائون.

نئين نسل جو ترجمان
جديد ادبي قدرن جو نقيب
سنڌي ادب ۾ بيمثال اضافو
ماهوار
ڏرتي
هر بڪ اسٽال تي دستياب آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ٦

## ماڙيءَ ۾ ڏاهه

اليسن کي پڪ هئي ته جپانين جا هوائي جهاز صبح ٽيڻ سان ئي پيٽ تي لهندا. انجيلا کي وٺي گهاٽي جهنگ ۾ وڃي لڪايائين ۽ پريات مهل پاڻ هوائي جهازن جو سماءُ لهڻ لاءِ ٻاهر نڪري آيو. سڄ ايريو پر ڪوبه واقعو ڪونه ٿيو، ٻنپهرن تائين بالڪل سانت هئي. اليسن سمجهيو ته هاڻي هو ڪونه ايندا ۽ واپس انجيلا وٽ موٽي آيو، اچڻ سان چيائين. ”ممڪن آهي هو ڪنهن ٻي مهم جي پٺيان هليا ويا هجن ۽ سياڻي وري هيڏانهن رخ رکن. اسانکي پناهگاه ناهڻ ۾ تيزي ڪرڻ گهرجي.“

هن انجيلا کي ٽڪريءَ جي هڪ اهڙي ڪند تي ويهڻ لاءِ چيو جتان هوءَ آسمان ۽ سمنڊ صاف ڏسي سگهي ٿي. وري به پنهه گاه لاءِ آنڊل ڪاٺ ڪلا جاچي ڏنائين، انجيلا کيس پنهنجي مدد جي آڇ ڪئي پر اليسن انڪار ڪيو ۽ کيس چپ چاپ ويهي رهڻ لاءِ چيائين. جيتوڻيڪ نن پنهنجي مذهبي زندگيءَ جي دوران ڪيترائي محنت جا ڪم ڪيا هئا پر اليسن کي اها خبر نه هئي پر جي خبر هجيس نه ها ته به هڪ عورت ڪان اهڙو سخت پورهئي وارو ڪم نه وٺي ها.

ٿوري دير ڪم ڪرڻ کان پوءِ جڏهن اليسن ٿڪجي پيو ته ڪجهه آرام ڪرڻ لاءِ انجيلا وٽ اچي ويٺو پوءِ آتي پکيءَ جو شڪار ڪرڻ جي خيال کان جهنگل ۾ هليو ويو. شام جو خالي هٿن موٽي آيو. لاچار جهنگلي ميوا کائي ويهي رهيا.

اليسن چيو ”صبح ساڻ آءٌ زمين ۾ هڪڙي کڏ کوٽي ونندس ۽ اسان لاءِ پناه گاه ٿي پوندي، اڄ رات ته هتي کلي هوا ۾ گذارڻي آهي.“ انجيلا خاموش هئي. اليسن وٽ کي پٺ ڏيو ويٺو هو- مشڪل سان انجيلا جي مٿي واري اچي چادر کي ڏسي سگهيو ٿي چو جو اونده چانئبي پئي ويئي. هن ڀانيو ته انجيلا عبادت پيئي ڪري ان ڪري پاڻ خاموش ويٺو رهيو. ٿڪجي ﺑﻪ پيو هو، ڪجهه سوچڻ ﺑﻪ نٿي گهريائين.

”تون ضرور ٿڪجي پيو هوندين.“ انجيلا چيو.

”ها.“ ڏکهو ساه کڻي ۽ اوٻاسي ڏيئي چيائين- ”خبر نه آهي ته هوائي جهاز ڇو ڪونه لٿا: ڪهڙي ڳالهه هنن کي روڪيو.“

اِنهيءَ ڳالهه جو انجيلا وٽ ڪو جواب ڪو نه هو تنهن ڪري خاموش رهي. پل گهڙي ترسي غمناڪ آواز ۾ چوڻ لڳي:- ”بظاهر هتي سلامتي آهي، اڄ رات اسين محسوس ٿي ڪونه ٿا ڪريون ته جنگ ۾ آهيون پر افسوس دوستن کان ڪيترو دور آهيون!“

انجيلا جا آخري لفظ اليسن مشڪل سان ٻڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهيو. هڪڙو غير مانوس ۽ اجايو خيال هن جي دل ۾ آيو ۽ رت ۾ جوش اچي ويس؛ نسون سيٽجي ويس، هو دل جي ڌڪ ڌڪ محسوس ڪري رهيو هو.

هو ٻئي اڪيلا اونده ۾ ويٺا هئا. اوڏي چڪ ۾ ٻيو ڪوبه نه هو، هوءَ عورت هئي ۽ جوان هئي. اليسن ڏکيو ساه کنيو- ٿوري دير اڳ پيدا ٿيل خيال هنجي ذهن کي ايذائي رهيو هو. هو جلدي اٿي بيٺو- دل مان خراب خيالات کي ڪيڏهن ٿي گهريائين ۽ پنهنجي پاڻ سان نفرت ٿي پيس، سوچيائين "ائنجيلا هڪ مقدس خاتون آهي." جڏهن هو خيالات ۾ پئجي ويو ۽ ڪجهه وقت من سان وڙهندو رهيو ۽ وڻ جي ٿڙ تي ٽيڪ ڏيئي بيٺو. جيءَ سان جنگ جاري هئي؛ من شانت ٿي نٿي ٿيو. سندس چهري جي لاه چاڙهه کي ڏسي ائنجيلا پڇيو، "ڇو؟ ڇا ٿيو؟" انهيءَ پڇڻ ۾ به هڪ قسم جي بيپرواهي هئي. اليسن سمجهيو ته هوءَ منجهس ڪا به دلچسپي نٿي وٺي، اينترو سوچڻ کان پوءِ هن اجاين خيالن کي ڪجهه قدر ضابطي هيٺ آندو.

"اوه! ڪجهه ڪونهي." ٿورو مرڪي چوڻ لڳو.

"آءٌ ڪجهه گهبرائجي ويو هوس؛ پيو ڪجهه به ڪونهي".

"آءٌ حيران آهيان" ائنجيلا سندس پرسان ويهندي چيو "ڀلا ڪيترو وقت اسين هن ماحول ۾ رهنداسين! هن نموني رهڻ!! اسين هر ڪمائتي شيءِ کان پري آهيون؛ دنيا کان ڪٽجي ويا آهيون." آهستي آهستي

انجيلا جو آواز نرم ٿيندو ويو ۽ ٿوري دير کان پوءِ هوءِ عبادت ڪرڻ لڳي. خلاصي ويٺو رهيو، هن پنهنجن جذبن تي هڪ عجيب ۽ پرسڪون دٻاءُ محسوس ڪيو. رات جي رومانوي خاموشيءَ ۾ جهنگ جي جانورن جي آواز کان سواءِ بيو ڪوبہ آواز نہ هو. ڪنهن وقت ڪنهن جانور جو زوردار آواز بہ آيو ٿي ۽ پوءِ وري ساڳي خاموشي طاري ٿئي ٿي ويئي. اليسن جو ڌيان بہ جهنگ ۾ پيدا ٿيندڙ آوازن ڏي هو. هو ڏاڍو خوش ٿيو جڏهن وري هڪ پيرو هڪ جانور جو آواز آيو. پوءِ وري ننڍن ننڍن آوازن جو پڙلاءُ ڪنن تي پوڻ لڳو. هو اٿيو، ڪاغذن ۽ تختن جي ڍير وٽ آيو. انجيلا کي سڏ ڪري چيائين ”تون هتي ليٽي پوءِ، آءٌ توکان گهٽو پري ڪونہ ٿو وڃان.

”مهرباني“ انجيلا چيو.

هو اونده ۾ گم ٿي ويو، ٿورو اڳتي وڃي، هڪ وڻ جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺو، اونده ۾ گهوريندي انجيلا کي چرندي پرندي ڏٺائين ۽ ٿوري دير پوءِ هو اها چر پر بہ نہ ڏسي سگهيو. اليسن ماضيءَ ۽ حال بابت سوچيندو رهيو ۽ سوچي سوچي ٿڪجي پيو، ننڊ ننڊ اچي ويس.

سج اڀريو تہ آليسن وهنجڻ لاءِ روانو ٿيو، انجيلا اڃان ستي پيئي هئي، چڱي طرح وهنجي سهنجي، آس ۾ ليٽي پيو ۽ ٿوري دير کان پوءِ ڪپڙا پائي ديول

توهان مغموم نه ٿيو.“

”آءٌ ڄاڻان ٿي.“ ڪنڊ مٿي ڪٽڻ ٻنان ٿي ٻٽڪندي چيائين ”آءٌ ڄاڻان ٿي ـ اوچتو منهنجي همت جواب ڏيئي ويئي، جيستائين ڊيول سلامت هئي تيستائين مونکي ذرو به فڪر نه هو پر ڊيول جي تباهيءَ ڪانپوءِ، آءٌ ٻي همت ٿي ٻيس، توهان ٿي ٻڌاءِ؟ آءٌ ته ڊيول سان منسوب آهيان، مون اِئين محسوس ڪيو ته خدا مونکي وساري ڇڏيو آهي، پر اِهو صحيح نه آهي، اِها رڳو منهنجي ڪمزوري ۽ ڪم فهمي هئي، اسين ڪهڙا نه ڪمزور آهيون، اسان ڪي ڪپي ته ٻنان ڊليل بازيءَ جي ڏٺيءَ جي حڪم تي هاڻ لاءِ پاڻ کي تيار رکون ٿي وقت جيڪو پاڻ تي آيو آهي. سو ڪو برو وقت ڪونهي ـ آءٌ غلط سوچ جو شڪار ٿي ويئي هيس جو مون سچ کي وساريو، مسٽر آليسن! آءٌ تنهنجا ٿورا ٿي مڃيان، جو تو منهنجي حفاظت ۽ دلجوئيءَ جو ڪم پاڻ تي کنيو آهي، اِنهي ڪري ٿي آءٌ پاڻ کي محفوظ سمجهان ٿي.“

انڄيلا جي گفتگو ٻڌي اليسن جي جذبات ۾ هڪ قسم جي گرمي اچي ويئي ۽ همت ٻڌ اليسن کي تمام گهڻو ڪم ڪرڻو هو.

ٽڪريءَ جي چوٽيءَ وٽ اليسن وڏن پٿن سان ٻوٽا ڏنا هئا، انهن جي ويجهڙائي ۾ جتي زمين ڪجهه نرم هئي آتي هن پنج فوٽ اونهي کڏ کٽي. آن کي

ٻہ گهٽا جهاز اڏامندا نظر آيا، جن مان چار واپس ھليا ويا ۽ باقي ٻچيل سرٽين واڱر ٻيٽ مٿان لامارا ڏيندا رهيا. گهڙي گهڙي دير ڪانپوءِ اتر اوڀر ڪنڌ ڏي رخ رکي هليا ويا. هڪڙي ڇڏي ٻي رات وري اليسن ۽ انئجيلا جهازن جو آواز ٻڌو، اهي يقينا جپانين جا هئا ۽ گوڙ اتر اوڀر ڪنڌ کان ٻڌڻ ۾ پئي آيو ۽ پوءِ گوڙ بند ٿي ويو.

انئجيلا لاڳيتو ٻہ ڏينهن پنهنجي ننڍڙي گهر کي وڌيڪ سينگارڻ ۽ سنوارڻ ۾ مشغول رهي ۽ جڏهن مطمئن ٿي تہ اليسن کي دعوت ڏيئي وٺي آئي جيئن هو ڪيس داد ڏئي. اليسن هن جي ڪم کي ساراهيو ۽ چيائين تہ تنهنجي شخصيت هن غار کي گهر بنائي ڇڏيو آهي. انئجيلا ڇت کان تورو هيٺ پٽ ۾ هڪ خال بنائي ان ۾ پنهنجا ڪي قيمتي سامان رکيا هئا. اليسن اوڏانهن نهاريو تہ انئجيلا کلي چيو. ”اها منهنجي تجوڙي آهي.“ اليسن قدم اڳتي وڌائي پيل شين کي چتائي ڏٺو ۽ هڪدم هن کي ڪو خيال آيو ۽ انئجيلا کي ڪجهہ چوڻ گهريائين پر لفظن سندس ساٿ نہ ڏنو. ”آءٌ اجهو موٽان ٿو“ ائين چئي ڊوڙي ٻاهر نڪتو. انئجيلا منجهي بيهي رهي.


Scanned with CamScanner

# باب ۷

## خيالات - خيالات ۽ خيالات

ڏينهن گذرندا ويا. هي ٻه جيو هن ماحول مطابق پاڻ کي مانوس ڪري چڪا هئا ۽ سندس زندگي هڪ عجيب ترتيب سان گذري رهي هئي، هنن پاڻ کي هر وقت مشغول رکڻ جي ڪوشش پئي ڪئي ان ڪري وقت گذرڻ جي سمڪ ئي ڪانه ٿي پيس. سمنڊ جي مٿاڇري ۽ آسمان ڏانهن هنن جو توجهه ذري ذري ويئي ٿي، جهازن جو انديشو هميشه رهندو هون. سنڌن هلڻ ڪري جهنگ ۾ پيچرا ٺهي ويا هئا، اليسن خيال ڪيو ته دشمن جو ڌيان انهن ڏي وڃي سگهي ٿو، انهي ٻنهي ڪان ٻنهي فيصلو ڪيو ته سانگئي هنڌان گهٽي اچ وڃ نه ڪبي انهيءَ فيصلي تسي ڪار بند رهڻ جي ممڪن ڪوشش ڪيائون پر پيٽ تي پنهنجي موجودگيءَ جون نشانيون لڪائڻ هنن لاءِ مشڪل هو.

هڪڙي ڏينهن جڏهن انئجيلا پر پاسي جو سماءُ لهڻ لاءِ ٽڪريءَ تي بيٺي هئي ۽ اليسن ننڍڙي نديءَ ۾ وهنجي رهيو هو، اليسن ڏٺو ته نديءَ تي اچڻ وڃڻ ڪري هڪ پيچرو ٺهي ويو هو، هيءَ غور ڪرڻ جهڙي ڳالهه هئي. وهنجي جڏهن انئجيلا وٽ آيو ته چيائين "سسٽر!! اسانجي هتي اچڻ ڪري ڪيترا نشان ۽ پيچرا ٺهي پون ٿا، تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي ڏڪي، ذهن مان ڪيڏ گهريائين، پيرن ۾ آيل نئينڙي پٽڙ ڪي زوردار ٺڏو هڻيائين، سندس چهري مان تڪليف ۽ ڪاوڙ جا ٠لميل جليل آثار ظاهر ٿيا. هن انٽجيلا بابت نه پر بيت تي رهائش جي مسئلن بابت سوچڻ تي پنهنجو پاڻ کي مجبور ڪيو، هن سوچيو ته اڳتي ڇا ٿيندو؟ ڪاڏو ڪيئن هٿ ڪبو؟ مڇي ڪيئن ماربي؟ باه ڪيئن ٻاربي؟ ڪا ٻيڙي، ڪو جهاز هٿ ايندو يا باقي ڏينهن هتي رهڻو پوندو!!

پر ......!

هن جي دل وري به مرد جي دل هئي، وري به انٽجيلا جا خيال دل ۾ گهر ڪرڻ لڳس. مٿين مسئلن تي سوچيندي وري به انٽجيلا جي تصوير اکين ۾ ڦري آيس. هن جي عمر جو اندازو لڳائڻ ويٺو ۽ عجيب عجيب پور پچائڻ لڳو. هو اتي پسار ڪرڻ لڳو، سوچيائين ته هاڻ انٽجيلا ورڻ جي ڪندي هوندي. دل تي پٿر رکي هن پاڻ کي محسوس ڪرايو ته انٽجيلا جي موجودگي ۽ نرم ڳالهائڻ رکيو انهيءَ لاءِ هو، ته هو پاڻ انٽجيلا جو ساٿي هو ۽ هوءَ هڪ پاڪ عورت هئي جنهن جي عزت ڪرڻ کپي ۽ بس!

”انٽجيلا منهنجي حق ۾ به دعا گهرندي هوندي، اڪثر هيڙا خيال ڪري دل کي آٿت ڏيندو هو ۽ من تي چنڊبو پوندو هوس، اڄ به جڏهن هوءَ ندي تي وهنجي رهي هئي عين ان وقت اليسن جي ذهن ۾

خيالن جون ۽ ڊارائون هيون، ’زندگي ڪيئن گذرندي؟‘ ۽ ’انجيلا‘! هڪ عجيب پڌتر هئي، هو مڪمل طور نه هيڏانهن ٿي ٿيو نه هوڏانهن!

اليسن ڄاڻيو ويئو هو ته لاشڪ ڪيس انجيلا سان گهڻو عرصو هتي رهڻو پوندو. هن محسوس ڪيو ته هڙي ماحول ۾ هڪ عورت ڪي ڏسي جيڪي خيال اچن ٿا سي ڪجهه وقت لاءِ جي دٻجي ويا ته وري ٻئي پيري ۾ اچي سگهن ٿا. هو مڇي مارڻ جي ڏن ۾ هيٺ نديءَ تائين آيو پر اجايا خيال من مان نه نڪتس.

اِنهيءَ ڏينهن منهن انڌاري ٿيڻ ڪانپوءِ انجيلا ڪي چيائين- ”سسٽر! مون اڄ عبادت ڪرڻ جو خيال ڪيو هو ۽ سوچيم ته هڪ مرد هن ماحول ۾ ڪيئن رهي، منهنجو مطلب آهي جيڪي ڳالهيون نه ڪرڻ جهڙيون آهن سي نه ڪري- تون ڪيئن ٿي ڀانئين ته عبادت ڪرڻ سان هو پاڻ کي اُنهن ڳالهين کان روڪي سگهندو؟“

ٻي ڪا تجربيڪار عورت هجي ها ته ڳالهائيندڙ جي آواز جي لاهه ۽ چاڙهه مان ئي مطلب سمجهي وڃي ها پر انجيلا ۾ عورتپڻو ته هوئي ڪونه جو مرد جي ڳالهه کي سمجهي.

”توکي مستقبل بابت فڪرمند نه ٿيڻ کپي“- انجيلا چيو ”جيڪڏهن اسين هن ڪليل ٻيٽ مان آزاد


Scanned with CamScanner

ٿياسون تہ اگهتي جيڪي ٿيٽو آهي تنهن جي خبر خاوند کي آهي، هتي ڪهڙي تو ڪان غلطي ٿي آهي؟ هتي تہ اسان ٻن ڪانسواءِ ٻيو ڪير بہ ڪونهي.“

انجيلا جي سمجهہ ۾ ايلسن اندر ۾ ڪڙهڻ لڳو، چاهيائين تہ ڪيس صاف چئي ڏي تہ منهن جو اهوئي تہ مطلب آهي تہ اسين بہ هتي آهيون ۽ تون عورت آهين، منهنجي دلي تمنا ۾ تو ڪان سواءِ ٻيو ڪير بہ اٽڪاءُ وجهي نٿو سگهي، تون سا بہ هڪ ڪمزور عورت. پر هو اِهي لفظ زبان تائين آڻي نہ سگهيو ۽ نڙيءَ ۾ ئي اٽڪي پيس؛ چو جو سمجهيائين ٿي تہ انجيلا هڪڙي راهہ جي پانڌيڙي هئي ۽ پاڻ ٻيءَ جو- تنهنڪري چيائين- ”ها ها!!- آءٌ سمجهان ٿو، مون پنهن جي چونڪاري بابت پئي سوچيو؛ مون عبادت جو بہ ارادو ڪيو آهي ڇا عبادت هڪ مرد جي مدد ڪري سگهي ٿي؟“

”عبادت منهنجي بہ مدد ڪئي آهي.“ انجيلا چيو ”تمام گهڻي مدد! تو لاءِ بہ ضرور ڪمائتي ٿيندي، پر آءٌ تہ چونديس تہ هر ڪنهن لاءِ عبادت چڱي آهي رکبو ڪو عقيدي وارو هجي. تون تہ سمجهو ۽ سياڻو آهين.“

ايلسن ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو، انجيلا وري پڇيس ”تنهنجو عقيدو ڪهڙو آهي مسٽر ايلسن؟“

هو منجهي پيو- هو اندازو لڳائڻ لڳو تہ ڇا انجيلا


Scanned with CamScanner

جو مطلب اِهو آهي تہ آءٌ خدا جي هستيءَ کي مڃيان ٿو يا نہ؟ کو جواب نہ ڏيئي سگھيو: ننڍپڻ ۾ خدا بابت هن وٽ عجيب ۽ سہاجھڙو تصور هو پر جوانيءَ ۾ خدا بابت هن جا نظريا بالڪل مختلف هئا. ويجھڙائيءَ ۾ تہ اليسن پنهنجن تصورن، نظرين ۽ عقيدن تي نظرثاني ئي نہ ڪري سگھيو هو. دل ئي دل ۾ چيائين 'ڇا آءٌ خدا کي مڃيان ٿو، اندران آواز آيو 'ها'.

اوچتو ڇرڪ ڀري چيائين: "منهنجو عقيدو.... منهنجو عقيدو هي آهي تہ خدا جي هستي سچي دنيا تي قادر آهي، سج وانگر، بالڪل سج وانگر: هونئن عام طور ماڻهو سج بابت رڳو ايترو چوندا آهن تہ گرم آهي! ماڻهو جڏهن وطن ۾ هوندو آهي تہ وطن جي اهميت مڙيئي گھٽ سمجھندو آهي پر پرديس ۾ وطن جي اهميت وڌي ويندي آهي، اسان جي بہ اِهائي حالت آهي، اڄ خدا جي هستي مون لاءِ ۽ تولاءِ بہ وڌيڪ وٿندڙ، صاف، روشن ۽ واضح معلوم ٿي ٿئي." اليسن ٿوري دير لاءِ چپ ٿي ويو ۽ وري چيائين "منهنجا خدا بابت اِهي ئي خيالات آهن، اسين خدا بابت گفتگو نہ بہ ڪريون پر سندس هستيءَ جو علم اٿئون."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ۸

## هو اچي ويا.

آن آچي جند لاءِ، هتي ٻه هر نئون سچ نوان فڪر کڻي ٿي آيريو.

ٻئي ڏينهن صبوح جو اليسن اڏورن سپنن جي سنسار مان حقيقي دنيا ۾ آيو، اُنوقت تازي هوا ۾ ٿڌ جو ٻه احساس ٿيس، مينهن ٻه ڪونه پيو هو، غار مان ٻاهر نڪري آيو، ڏٺائين ته سچ جا ڪرتا جهنگ جي وڻن تي پنهجي رهيا هئا. انجيلا جي غار مان ڪوبه آواز وغيره ڪونه ٿي آيو، اليسن آهستي آهستي هلندو هيٺ نديءَ وٽ اچي پهتو، ڪپڙا لاهي وهنجڻ ويٺو ٿڌي پاڻيءَ جڏهن پريشان خواب جي ڏڪوئيندڙ يادگيري دل تان لاهي ڇڏيس.

جڏهن ماڳ موٽيو آن وقت انجيلا پنهنجي جهنگلي ڀيون مان ناشتو تيار ڪرڻ ۾ مشغول هئي. ناشتو تيار ٿيو ته ٻئي هڪٻئي کي آمهون سامهون ٿي کائڻ ويٺا، ائين جيئن.... ! ها بالڪل ائين جئن زال مڙس ويهي کائين. انجيلا چيو. "آءٌ عجب ۾ آهيان ته آهي ڪير هوندا! جيڪي اسان کي هتان اچي وٺي ويندا ۽ آهي

سان لنگر هٽيو بيٺو هو، ان تي جپاني خلاصي بہ ڏسڻ ۾ آيس. تورو پريان سمنڊ جي مانيٽي متاچري جي سيني کي چيريندا کي پيا جهاز بہ اچي رهيا هئا. اليسن ڏٺو تہ لنگر هنيل جهاز مان کي جپاني لٿا ۽ گودي لنگهي ڏانهس اچڻ لڳا شايد هنن اليسن کي ڏٺو نہ هو هنن جو تعداد ويهن کان مٿي هو ۽ بندوق سڌيون ڪري اڳتي وڌندا آيا.

اڌ منٽ تائين اليسن نہ اڳتي چريو نہ پٺتي. پوءِ وڻي جهنگ ڏانهن ڪڙين تي زور رکيائين ۽ سڌو نديءَ وٽ اچي پهتو. ويچار ڪيائين تہ سڏ ڪري انجيلا کي اطلاع ڏي پر آواز بہ نٿي ڪري سگهيو، ڊپ هوس تہ متان دشمن ٻڌي وٺن.

هڪڙي ٻرجي وڻ جي اوٽ وٺي نديءَ جي گهڙ ڏانهن نهاريائين، انجيلا تي بہ نظر پيس، هوءَ وهنجي رهي هئي. سج جي روشنيءَ تي هن جا وار چمڪي رهيا هئا. هوءَ پنيري هئي ۽ توري گهٽ ڪلهي جيڏي پاڻيءَ ۾ بيٺل هئي. اليسن هڪڙي ٻوٽي جي اوٽ ۾ ويهي آهستي سڏ ڪيو ”سسٽر—!! سسٽر!! تون ڪٿي آهين؟ جپاني اچي ويا آهن.“ اليسن کي عجب ۾ پريل کو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ پوءِ صاف لفظ پڻ— ’آءٌ هيڏانهن آهيان‘ هڪڙي منٽ کان پوءِ اليسن ڏٺو هوءَ ڪپڙا پائي حيرانيءَ جي عالم ۾ سندس اڳيان اچي بيٺي— اليسن چيو ”هتي بيهڻ خطري کان خالي نہ آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اٿين ڇٽي ڪيس ٻانهن ڪان ڇڪيندو غارن وٽ وٺي آيو ۽ انجيلا کي سندس غار اندر وڃڻ لاءِ چيائين:

”اندر وڃ“

”اندر وڃ“ هيو پيرو رڙ ڪري چيائين ۽ ڌڪي اندر روانو ڪيائينس. جڏهن اندر هلي ويٺي ته ڪڙه کي پٺن ۽ گاه سان ڍڪي ڇڏيائين، جڏهن پڪ ٿيس ته هن غار جي لنگهه کي ڪير به ڏسي نه سگهندو، تڏهن اطمينان سان پنهنجي غار ۾ هليو ويو ۽ اندران ڏي ڪک ڪانا ڪٺي پنهنجي غار جو در به وس آهر ڍڪي ڇڏيائين. رڳو ٻاهر نهارڻ لاءِ ننڍيو سوراخ ڇڏ يائين.

”ڪيئن سسترا! تون آرام سان آهين“؟ اليسن وچ واري ديوار تي هٿ سان ڌڪ هڻندي آهستي پڇيو، وري به ساڳيو سوال پڇيائين، پر ٻي پاسي ڪان ڪو پڙلاءُ پڌڻ ۾ آيو.

اليسن وري ٻاهرين آوازن تي ڪن ڏيڻ لڳو، اڌ ڪلاڪ اٿين ڪندي گذري ويس پر ڪوبه آواز ٻڌڻ ۾ نه آيو، سوراخ مان به ٻاهر نهاريائين ۽ اطمينان ٿيس ته ڏانهن ڪوبه ڪونه تو اچي، هن ٻروڙڻ جي ڪوشش ڪئي ته دشمن جو آخر ارادو ڪهڙو آهي؟ ڇا هو جهازن ۾ چڙهي هتي رهڻ آيا هئا؟ جيڪڏهن اٿين هو ته اليسن ۽ انجيلا جي فرار ٿيڻ جا موقعا ته خير پر سندن سلامت رهڻ به مشڪل هو. ٻنهي جي غارن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڦاسن ۾ پاڻ ۾ ڳالهائين ٻه نه ته جيءُ ڪيئن سگهن؟

”دري ڪمائتي ٿيندي، مونکي سيٽي پٽڻ ۾ آئي تو ٻه پڙي هوندي، مونکي ته ڊپ وٺي ويو.“ انجيلا هٿ پنهنجي ڇاتيءَ تي رکندي چيو.

”هو آسان ڪان پري ڪونه آهن پر اسين هنن جي نظرن کان لڪل آهيون، ڏينهن جو ته ٻاهر بالڪل نڪرڻ ڪپي، اگهه ٿي اسان گهڻي بي پرواهي ڪئي آهي خاص طرح مونکي ڪاڏي جي سلسلي ۾ هوشيار رهڻ کپندو هو....“

”اوه!! تون پاڻکي ڏوهي نه ٺهرائي.“ انجيلا وچ ۾ دخل ڏيندي چيو، ”توکي ڏاڍي تڪليف ڪرڻي پيئي آهي، آءٌ اڪيلي هجان ها ته الائي ڪهڙو حشر ٿئيم ها.“ هوءَ ڪلڻ لڳي، اليسن پنهنجي واڪاڻ پڙي سو حوصلا وڌي ويس.

”تون پيٽ تي نه هجين ها ۽ جيئن آءٌ وهنجي رهي هيس تيئن جپاني دشمن اچي ڪڙڪن ها....“ انجيلا وري ڪاڻ لڳي. اليسن کوبه جواب ڪونه ڏنو رکو مرڪيو. ڇا چوي ها؟ ڪو اهڙو جملو ٺي هٿ نه آيس جنهن سان پنهنجي خاڪساري ظاهر ڪري. انجيلا جي روبرو ويٺي ويٺي هن جي اکين اڳيان اهو نظارو تري آيو. انجيلا وهنجي رهي هئي هنجا اگهاڙا ڪلها ڪهڙا نه سهڻا لسا ۽ گول....“

پنهنجي ڇپن تي زبان ڦيريندي اليسن ڪنڌ

ڪي لوڏو ڏيئي پنهنجي پاڻ تـي ڦٽڪار وڌي. ڪيس کهڙا نه گندا خيال اچي رهيا هئا. خيالن جـي دنيا مان هوشيار ٿي پڇيائين.

”تو کي اڄ ته نه لڳي آهي؟“ سندس آواز ۾ نرمي هئي ”آءُ سانجهيءَ تائين پاڻي پرڻ لاءِ ويندس، اگهه ۾ گهٽو پاڻي پري رکڻ ڪپندو هوم، آءُ به ڪهڙو نـه بيوقوف آهيان.“ پويان لفظ چڻڪ پنهنجي پاڻ کي چيائين.

اوچتو بندوق جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، اليسن ڊوڙي پنهنجي غار جي در واري سوراخ مان ٻاهر وٺـن ڏي جهاتيون پاتيون پر ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪونه آيو، وري ٻيو ٺڪاءُ ٿيو، اندازو لڳائين ته ٺڪاءَ نديءَ جي پاسي پئي ٿيا.

”شايد شڪار پيا ڪن،“ پنهنجو پاڻ کي چيائين ۽ اُٿي ٻئي پيٺو رهيو سوراخ مان ڏسندو رهيو ۽ ڪن آوازن ڏي هوس. ٿوري دير جي ماٺ ڪانپوءِ وري به جهنگ ۾ ٺڪا ٺوڪي شروع ٿي ويئي، اليسن غارن جي وچ واري دريءَ وٽ آيو.

”سستر ڊپ ته ڪونه ٿو ٿيئي؟“

”نه نه“ الائي جواب ڪوڙو هو يا سچو!

”چڱو!! آءُ وري وڃي ٿو ڏسان.“ ائين چئي وري به پنهنجي غار جي لنگهه واري سوراخ مان ٻاهر نهارڻ لڳو. سندس ڏيان سچو ٻاهر هو پر ٿوري ٿوري ديـر ڪانپوءِ اندر اچي دريءَ مان انجيلا سان ڳالهائي وري

هليو ٿي ويو ۽ جڏهن ڪڪ ٿي پيو ته پنهنجي ننڍڙي ڪمري ۾ پسار ڪرڻ شروع ٿي ڪيائين.

اليسن کي عجب هو ته، ههڙي نازڪ وقت ۾ انجيلا ڇا ڇا سوچي رهي هوندي! اليسن وانگر هوءَ به هڪڙي ننڍي غار ۾ ڄڻڪ قيد ٿيل هئي، ان بيوس پکيءَ وانگر جيڪو پڃري ۾ پيو هوندو آهي. اليسن اندازو لڳايو ته هوءَ ڪانئس وڌيڪ مايوس هوندي. پاڻ مرد هو ۽ وطن کان پري سالن جا سال تڪليفن ۾ گذاريو هئائين.

اچانڪ اليسن، انجيلا جي شخصيت بابت سوچڻ لڳو ۽ مذهبي قسم جي ڇوڪرين ڏي ڌيان ويس؛ سوچيائين ته هي ڇوڪريون ڪهڙي قسم جون آهن جو جوانيءَ ۾ ئي ڪين ويراڳ لڳيو وڃي، نه دعوتن ۾ وڃن، نه فلم ۽ ٿيئٽر ڏسن، نه ناچ گهر ۾ نظر اچن. مذهبي قسم جو لباس پائين ۽ عبادت ۾ مشغول!! تڏهن به سندن ڪلها اهڙائي سهڻا ٿا لڳن جهڙا ناچ گهر وارين ڇوڪرين جا ڪلها!!....!

پاڻهي پاڻ اهڙا ويچار اچڻ تي خار کائڻ لڳو ۽ اهو ڏينهن خير جو گذري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ٩

## ٻڪ ڙي ٻڪ

اُنهي رات گهڻي دير ڪانپوءِ اليسن پاڻي پرڻ لاءِ ائنجيلا ڪان ٻه دٻا ڪنيا، پيٽ تي چپ چاپ لڳي پيئي هئي تنهن ڪري سمجهيائين ته دشمن هاڻي سٺل هوندا، هو ٻاهر نڪري نديءَ ڏانهن روانو ٿيو، پاڻي ڀري جڏهن موٽيو ته ائنجيلا پنهنجي غار جي منهن وٽ ويٺي هئي. اليسن دٻا هيٺ رکيا، ٻنهي ڄڻن ڪري پاڻي پيتو. ائنجيلا چيو، ”مون کي ٻاهر نه اچڻ گهرجي ها پر اُڃ گهڻي لڳي هيم، تنهن ڪري ٻاهر آيس، ٻئي ڀيري آءٌ ٻه توسان گڏ پاڻي ڀرڻ هلنديس.“

اليسن وٽ ڪونه جواب نه هو پر چيائين ”پاڻي صرفي سان استعمال ڪرڻ گهرجي، وري ٻه سياسانجهيءَ پاڻي ڀري سگهبو، مونکي ته هاڻي ننڊ ٿي اچي.“

”ها“ ائنجيلا چيو، هن جون اکيون ننڊ جي ڪري وڌيڪ خماريل نظر اچي رهيون هيون. پوءِ ٻئي هڪڙو هڪڙو دٻو کڻي پنهنجي پنهنجي قدرتي گهر ۾ هليا ويا. اليسن جو جسم ٿڪل هو پر دل سجاڳ هيس. ان وقت جي اجاين خيالن کي دل ۾ جڳهه ڏي ها ته ننڊ ئي نه اچيس ها پر هن ائين نه ڪيو.

جڏهن جاڳيو تڏهن ڪکن ڪانن جي سوراخن مان

تہ رويو ڪٿيو رڃ پرينديءَ هئي.

ٻئي ڏينهن اليسن انئجيلا کي ٻڌايو تہ هو ٽڪريءَ

ڪان هيٺ وڃڻ جو اِرادو تہ رکي، منشا هيءَ هيس

تہ جهازن جي چرپر کي ڏسجي، انئجيلا کيس روڪڻ

لڳي ان لاءِ ٻہ سبب هئا، هڪڙو هي تہ اليسن جي

سلامتي تي گهريائين، ٻيو سبب هي هو جو خود

اڪيلائيءَ ۾ ڊڄي ٿي. اليسن هن جي مخالفت کي

ٽاري ڇڏيو ڇو جو کيس حالات معلوم ڪرڻ جو شوق

هو. ان ڪري هن انئجيلا کي غار ۾ رهڻ جو حڪم

ڏنو ۽ سج لهڻ کان پوءِ پساڻ ٻاهر نڪتو، انئجيلا

نڊيڙي ٻار وانگر هيسجي ويهي رهي.

اليسن نهايت خبرداريءَ سان جهنگل مان لنگهندو

پئي ويو، جهنگ جي جانورن جي آوازن ڏي ڪن

ڪڙا هئس، جهنگ ۾ هلڻ جو تجربو هنکي چڱو ٿي

ويو هو. هو بالڪل آهستگيءَ سان پير پير ۾ ڏيئي

وڃي رهيو هو.

جڏهن دشمن جي ڪئمپ جي ويجهو آيو تہ وڌيڪ

خبردار رهڻو پيس، جهنگ مان نڪري ڪئمپ تي

پرپور نظر وڌائين. آسماني رنگ جون بتيون روشن

هيون، پر انهن جي مٿان ڪارا ڪوپا چڙهيل هئا جيئن

دشمن جو جهاز روشني ڏسي نہ سگهي. گوديءَ ڏانهن

نهارڻ سان اليسن کي ڪارو جهاز بيٺل نظر آيو، ان

۾ بہ روشني هئي. ٿوري مفاصلي تان کي آواز بہ ٻڌائين

۽ پوءِ ٻڏا ٻڏا ٺهڪ ٻه.

ڪئمپ جي هن پاسي ڪوبه چوڪيدار ڪونه هو، اليسن پيٽ پر ليٽي پيو. جپانين جي بي پرواهيءَ تي غور ڪرڻ لڳو، اوچتو جهاز جي سيٽي وڳي ۽ اليسن چرڪ پريو. سيٽي ايتري زوردار نه هئي پر ڪنهن جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ڪافي هئي. هڪڙيءَ ڪان سواءِ گودي واريون سڀ بتيون به وسامي ويون، پوءِ اليسن هڪ وڏو ڪارو دئو ڏٺو. هي جنگي جهاز هو، جيڪو ڪناري ڏانهن وڌي رهيو هو ۽ اهو توري دير ۾ ڪناري وٽ اچي بيٺو. توري دير ڪان پوءِ جهاز واپس مڙيو. ڪي آواز ٻڌڻ ۾ آيا ۽ به وڏا جنگي جهاز پري سمنڊ ۾ ويندا نظر آيا.

اليسن جي دل ۾ خوشي جي لهر آئي، هو سوچڻ لڳو ته شايد جپاني ٻيٽ ڇڏي ويا. پر ڪئمپ ڏي ڪن ڏنائين ته اتان ڪي آواز ٻڌڻ ۾ آيس ۽ خوشي ڪافور ٿي ويس. توري دير ڪان پوءِ ڪئمپ مان اينڊز آواز بند ٿي ويا. ڪئمپ تي هڪڙي وڏيڪ بتي روشن ٿي ۽ اليسن آهستي آهستي هلندو جهنگ ڏي موٽڻ لڳو.

جهنگ پار ڪري ٽڪريءَ تي پهچي، اليسن، انجيلا کي سڏ ڪيو. انجيلا اهڙي نرم لهجي ۾ جواب ڏنو جو اليسن کي هڪ عجيب سرور محسوس ٿيڻ لڳو. ڪيس احساس ٿيڻ لڳو ته انجيلا سنڊس شخصيت

کان متاثر ٿي آهي. هن پاڻ کي ان ماڻهوءَ سان پيٽڻ شروع ڪيو جيڪو سڄو ڏينهن سخت محنت ڪري موٽي ٿو ۽ جنهن جو گهر ۾ ٻي چيني ۽ سان انتظار ٿئي ٿو. هوڙن هنگامي حالتن ۾ ٻه هو عجيب غريب خواب ڏسڻ لڳو هو.

ڪئمپ جو ذڪر ڪندي، انجيلا کي ٻڌايائين "جهاز هليا ويا آهن، پهريائين مون سمجهيو ته سڀ هاياويا آهن پر ڪئمپ مان اچان ڪن ماڻهن جا آواز اچڻ پيا، چڱو جو جهاز ته هليا ويا."

"سڀ جهاز هليا ويا؟" انجيلا عجب مان پڇيو.

"ها" اليسن چيو "پانئجي ٿسو هنن هن ٻيٽ کي اهميت نه ڏني آهي. هنن جون اميدون هتان پوريون ٿي نه سگهيون، جيڪي ماڻهو ڇڏي ويا آهن هاڻي انهن جو الائي ڪهڙو پروگرام آهي؟ هاڻي خطرو مڙيئي گهٽ آهي. ڏينهن جو شڪار به ڪري سگهبو."

"اهو ته چڱو ٿيو" انجيلا اهڙي انداز سان چيو ڄڻ ڪير ڪيس چانهه جي صلاح ڪري رهيو هو.

"ڪهڙو نه چڱو ٿئي جو هينئر ڪاڏي لاءِ ڪجهه ملي وڃي، مونکي بک لڳي آهي."

"پهريائين ڪاڏي جي ڳڻتي نه ڪر" اليسن چيو "ٻڌاءِ ته تو وٽ پاڻي آهي؟"

"پاڻي ڪافي آهي." انجيلا چيو "پر تون آرام نه ڪندين ڇا؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ها!! صبح ٿيڻ سان منهنجو خيال آهي ته ڪئمپ
جي خبر چار وٺي اچان ۽ ڏسي اچان اتي ڪيترا ماڻهو
آهن. ٽوڪي جي پريات ڏاري سجاڳي ٿئي تـه مونکي
جاڳائيج“ ائين چئي سلام ڪري اليسن پنهنجي ڪوٺڙيءَ
۾ هليو ويو: ٿڪل به هو ۽ ان وقت ڪيس بک بـه
لڳي رهي هئي پر ٿوري دير ليٽڻ بعد ننڊ اچي ويس.
پريات مهل هو اٿيو ۽ جپانين جـي ڪئمپ جي
ڪنڊ وٽ لڪي وڃي ويٺو. اوچتو هڪ سپاهيءَ تـي
نظر پيس. هو اليسن کان ٽي سو گز پـري هـو پر
پريات جي هلڪي روشنيءَ ۾ هن جي وردي ۽ بندوق
تي اليسن جي نظر پئجي ويئي. سپاهي قد جو ڇوٽو هو،
هو سگريٽ ڇڪي رهيو هو ۽ نظر سمنڊ طرف هيس.
ٿوري ديـر بعد ڪئمپ ۾ زندگيءَ جـي معمولي
هلچل شروع ٿي ويئي. ڪي ماڻهو ٻاهر نڪتا ۽ ٻاهـ
جي چلهن مان دونهن به نڪرڻ لڳو، جنهن مان اليسن
سمجهيو ته ڪئمپ وارا ناشتي جي تياري ڪري رهيا
آهن. اَن ڪانپوءِ هڪ سيٽي وڳي، تنهن تي ٽي آفيسر
ٻاهر نڪتا، آخر ۾ سڀ ماڻهو تيز هلندا ٻنگلي ۾ هليا
ويا. پوءِ ٻه ٽي بيٺل سپاهي به هنن جي پٺيان هليو ويو.
اليسن ناشتي جو اجان سوچيو ٿي مس هـو تـه بک
ورائي ويس.
هو ڊوڙندو انجيلا وٽ آيو ۽ کيس احوال ڏنائين
”جيستائين هو ناشتو ڪن تيستائين آءٌ ڪـو شڪار

پڪڙي تو اچان، اجھو ڏهن منٽن ۾ موٽان ٿو.“
”سنپال ڪجان.“ انڄيلا وڏي آواز سان چيو،
بالڪل ائين جيئن ننڍڙي ٻار کي چنجي ته وهنجڻ
وڃين تو پر وڏي پاڻيءَ ۾ نه گهڙج. اليسن ٻتوان ٻڌو
ڪري ندي طرف وڃي نڪتو.
ٽن چئن ڪلاڪن کان پوءِ اليسن پنهنجي غار ۾
موٽي آيو ۽ وچ واري دريءَ وٽ ويهي انڄيلا کي
سڏ ڪري چيائين: ”اجهو هي پٽاٽا وٺ“ سندس آواز
۾ مايوسي هئي: ”هيو ڪجهه به هٿ ڪونه آيو، هنن
مان چا ٿيندو. خير تون ڪائي پاڻي پيءُ“ ٿوري دير
ماٺ ڪرڻ ڪانپوءِ وري چوڻ لڳو: ”بهتر آهي ته اسين
ڪاڏي جو آسرو لاهي ڇڏيون، ڪيئن به هجي پر مرٽو
جلدي اٿئون، نه ميوو ٿو هٿ اچي نه ڪو پکي: باقي
هنن پٽاٽن مان ڪهڙو پيٽ پربو. تون اهي کاءُ يا
تنهنجو پيٽ پريندا يا مري ويندئين.“ ڳالهائيندي ڳالهائيندي
ڏک کان نڙي ويهي ويس ۽ سندس ٠ چپن تي ڦڪي
مرڪ اچي گم ٿي ويئي.
غار جي ڏنڌلي روشنيءَ ۾ انڄيلا هڪڙي پٽاٽي
تان مٽي ڪرڙي صاف ڪري کائڻ لڳي. ٻئي خاموش هئا.
ٿوري دير ڪانپوءِ اليسن جو آواز آيو ”سستر“ آءٌ
سمهان ٿو.“
”ها،“ مشڪل سان هو ايترو چئي سگهي.
ٻئي ڏينهن اليسن وري جيائين جي ڪئمپ جي

اک ٽيٽ لاء ڪنڊائٽو ٽي لڪي ويٺو. هن اهو ڪجهه ڏٺو جيڪو اڳ ۾ ڏسي چڪو هو. اج هن پڪو پهه ڪيو هو تہ جيڪا ناشتي ڪان پوء جهانين جي چرپر آمي ان جي خبر ونجي.

آتي ويٺي ويٺي هو سوچڻ لڳو تہ ڇا سپاهي فقط اهو هڪڙو اٿن؟ هن جو گمان غلط نٿي لڳو، ڇو جو ٻيو سپاهي ڪيس نظر بہ ڪونہ آيو هو.

اليسن پريات ڪان ويٺو هو هن بي ڪا خاص ڳالهہ محسوس نہ ڪئي، ڪئمپ ۾ ڪوبہ ٻاهران ڪونہ آيو ۽ نہ ڪو ٻاهر ويو. مورچي ۾ بيٺل سپاهي بہ آتي جو آتي بيٺو هو. فوجي تنظيم جي لحاظ ڪان هن ڪئمپ وارن جي طور طريقي ۾ اليسن کي ڪيترائي نقص نظر آيا. هن جو خيال هو تہ رڳو سامونڊي ڪناري سان پر ڪئمپ جي چوڌاري ڪيترا سپاهي هجڻ کپن ها. هو حيرت ۾ هو پر ڪجهه سمجهي نہ سگهيو.

هو پيٽ ير ليٽل هو ۽ منهن هٿن ۾ هوس، اک ڪئمپ ۾ کتل هيس، هو جپانين جا ارادا سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. آخر پنهنجي خيال موجب پنهنجن سوالن جا جواب ڏين لڳو، جيتوڻيڪ اهڙن جوابن سان آئت نہ آيس. سپاهي فقط هڪ سپاهي. شايد ان ڪري جو هتي ڪو خطرو ڪونہ هو. ٻيو تہ سندس خيال موجب هي ٻيٽ دشمن جي پهچ ڪان گهڻو پري هو ۽ پئيسفڪ سمنڊ جي ان حصي ۾ هو جتي وبجهڙائي ۽

ايستاءِ هو نرميءَ سان انجيلا جي هٿ سان کيڏندو رهيو جيستاءِ هن خود هوشيار ٿي هٿ ڇڏايو هو اٿي آهستي آهستي قدم کڻندي پنهنجي غار ۾ هلي ويئي. اليسن ڏسندو رهيو ۽ پاڻ به ٿوري دير ڪانپوءِ اٿي ڪاٺي جي تلاش ۾ جهنگ منهن ڪري روانو ٿيو.

ڪجهه به هٿ نه آيس اُن رات بئي جيئو بکيا ليٽي پيا. پاڻ ۾ ڳالهايائون به ڪونه ٿوري دير سهي انجيلا اُٿي عبادت ڪرڻ لڳي. اليسن جي ڪنن تي پکين ۽ جانورن جا آواز پئجي رهيا هئا. هو سوچڻ لڳو. ”هي گهٽ ۾ گهٽ آزاد ته آهن ۽ پنهنجو ڪاڌو هٿ ڪري سگهن ٿا ۽ اسين....“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ١٠

بـک جي ڪشالن اليسن جـي طبيعت ۾ عجيب قسم جي تبديلي آڻي ڇڏي هئي. ڪاڏي جي گهرج ۽ طلب هن کي وڏيڪ مستقل مزاج ۽ پاڻ تي ڀاڙڻ وارو بنائي ڇڏيو، هو فڪرن کان آجو ٿي ويو هو. جپانين جي روزمره جـي چرپر کـان واقف ٿيڻ ڪري هـو وڌيڪ بهادر ٿي ويو هو، ان ڪري ڏينهن جو به غار کان ٻاهر نڪرندو هو، ٻئي ڏينهن الهندئين ساحل تي مڇيءَ جي شڪار لاءِ ويو ۽ ٻـہ مڇيون پڪڙي آيو. جيڪي وير چڙهڻ ڪري هڪڙي ڍبي ۾ رهجي ويون هيون. ايندي ويندي وڻـن ۾ ميـوي جـي بـہ ڳولاهہ ڪيائين پـر ڪاميابي حاصل ڪونہ ٿيس. هـو مڇيءَ ماري موٽيو تہ انجيلا سندس غار ۾ آئي. اليسن پنهنجي پڳل چاقوءَ سان هڪڙي مڇيءَ جـا ڇلر لاٿا ۽ مڇي جـون ڳڀيون ڪري اکيون بند ڪري هڪڙي ڳڀي ڪچي جو ڪچي ڪائڻ لڳو. ڪچيءَ مڇيءَ جو ذائقو ايترو خراب نہ لڳس جيترو انديشو هـو.

انجيلا دلچسپيءَ سان اليسن جي چهري جي لاهن چاڙهن کي ڏسي رهي هئي. اليسن هڪڙي ڳڀي ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُئين نه ٽيوءِ، مٿي مورچي ۾ پهريءَ بيٽل سنتريءَ ڏي ڏنائين. جيڪو ترڻ وارن کي ڏسي رهيو هو.

”پولڙا شايد ڪاڏي جي ڪوچ ۾ آهن.“ اليسن سوچيو ”اندر چڱيون شيون، مٺايون ۽ ميوو هوندو، ممڪن آهي ڪو ماڻهو به هجي.“ اِهو سوچي هو ڳوڏن پر آٿي بيٺو. ڪئمپ جي چوڌاري نهاريائين، وري بنگلي ڏي ڏنائين. سندس دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي ويئي هئي.

اوچتو هو ٽپ ڏيئي اٿي بيٺو. پنهنجي ۽ مورچي جي وچ وارو وايو منڊل جي جاچ ڪيائين ۽ لڪڻ جي جاين ڏي به نظر ڦيرايائين. سندس چپ سڪي ويا ۽ آيا آيا ساهه کڻڻ لڳو. ٽنگون نستيون ٿيڻ لڳس. هن گهڻي مشڪل سان پنهنجو پاڻ سنڀاليو. ڪجهه دير بيهي رهيو.

پوءِ هو اُن ڏکڻ وڻ ڏي ڊوڙيو جيڪو بنگلي کان پنجاهه وال پري هو. مورچي واري سنتريءَ ڏي ڏنائين. جيڪو اجان به پهرو بيٺل هو. اليسن ٿوري دير لاءِ هڪ ڪنڌ ۾ لڪي رهيو. جنهن جي مٿان ٻٽ ۽ ٻوٽا هئا. هن ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ سنتريءَ کي چرندو ڏسي وري جهڪي رهيو. گهڻي دير ڪانپوءِ هو نڪتو ۽ جهنگ ۾ لڪندو پاسيرو نڪري ويو. انهيءَ ۾ ڪيس گهڻي خبرداريءَ کان ڪم وٺڻو ٿي پيو ۽ ٿوري بيپرواهي ڪري ها ته هٿس گولين جا وسڪارا ٿي

ڏاڪٽر ني بوٽن جي ٺڪ ٺڪ تي اليسن هال ۾ آيو ۽ چپ چاپ ويٺو رهيو. ڪجهه گهڙين کان پوءِ آفيس جي ڪمري ۾ آيو. ڪمري جي ڇت ۾ ۱۵ فوٽ ويڪرا سوراخ ٿيل هئا. جيڪي بمباريءَ جي نشاني هئا. اليسن بئگ پاڻ سان کڻي ۽ سوراخ مان ٽپي اندر ٿيو. هاٿي هڏ گوڏن ڀر جهڪي پيو ٻانهن کوڙي ڪجهه آرام ڪرڻ جي خيال کان آهلي پيو.

هن بنگلي مان آواز پيدا ٿي ڪي آواز پري کان به آيا پئي. هن پنهنجا خيال وري يڪجا ڪيا ۽ پيو قدم کڻڻ لاءِ تيار ٿيو.

هڪدم پڇتايائين، جو هن هڪ ڪنڊ ۾ ٽپ ڏنو هو. جنهن ۾ ڪيس گهٽ ۾ گهٽ رات تائين ترسڻو پيو ٿي. اُن وقت ڪي ٽي چار ڪلاڪ دير هئي. پر اُن کان پوءِ به ڪئمپ وارن جي سمهڻ تائين انتظار ڪرڻو هو. آوازن ڏي ڪن ڏيندو رهيو ۽ اندازو لڳائڻ لڳو ته وقت ڪيترو ٿيو هوندو. وقت ڄڻڪ بيهي رهيو هو. اليسن ڪنڊ ۾ هو ۽ جپاني چوڪيداري موجود هئا. جن ڪي هن جو ڪنڌ مٿي کڻڻ جو اوسيڙو هو. جيت وڻن جي پنن مان سرندا هن جي جسم تي اچي چڙهيا ۽ اليسن جي پتلون ۽ قميص ۾ گهڙي ويا. نرم نازڪ جيت هر طرف پئي سريا. ڪن شايد اليسن تي ڀرپور حملي جو پئي ارادو ڪيو. هڪ پيري ته ڊپ کان رت سڪي ويس، جڏهن هڪڙو سائو ۽ چلڪڻو نانگ

سندس پيرن کان ٽيندو پٽ ڏي هليو ويو. هڪ ٻي پل ۾ هن محسوس ڪيو ته ڪنهن سندس ڪٻي پير ۾ سئي چڀائي ڇڏي هجي. پر هن ڪنهن جيت يا نانگ کي چڪ پائيندي ڪونه ڏٺو.

ڪلاڪ گذري ويو، پر اليسن لاءِ ڇٽڪ ٻيهي رهيو هو. هن گهڻي جوش سان ڪنڌ کڻي پل پل دشمنن ڏي نهارڻ گهريو ٿي، پر زور ڪري پنهنجو ڪنڌ هيٺ رکي ويهڻ تي مجبور هو. هو اينڊرز وقت بابت سوچڻ لڳو- ”آءٌ جڏهن واپس وطن ويندس“. هو ڪيترو وقت سوچيندو رهيو ۽ سوچيندي سوچيندي ننڊا ڪڙو ٿي ويو ۽ اوچتو ڇرڪ ڀري اٿيو. سامهون جيڪي ٻن ٻي نظر آيس، سي ڪن پل ۾ گم ٿي ڇڏيائين. هوءَ اينڊرز وقت ۾ پنهنجو پگهار ۽ مرتبو خيال ۾ آڻڻ لڳو- ”پهريائين آءٌ اعليٰ ترين ۽ لذيذ ڪاڏو خريد ڪندس ۽ پوءِ-“

هڪ هڪل ٻڌائين، جنهن سندس خيالن کي منتشر ڪري ڇڏيو. هوءَ هيٺ جهڪي ويو، انهيءَ خيال کان ته شايد جپانين بورچيخاني مان چورايل مال بابت واقفيت حاصل ڪري ورتي هوندي. پر هڪدم وري ٺهڪن جا آواز ٻڌائين، ڪانئس ٿڌو شوڪارو نڪري ويو. پوءِ هن جي هڪ پاڇي تي نظر پيئي، جيڪو هن اڳ ڪڏهن به نه ڏٺو هو. اليسن پاڇي ڏي گهوري ڏسڻ لڳو. آهو ڪنهن ماڻهوءَ جو پاڇو نه هو. هن محسوس

ڪيو ته سج هيٺ پرو پئي ٽيو ۽ پاڇا ڊگها ٿيندا ويا
آسمان مان روشني گم ٿيندي ويئي. پر پاسي مان
اڃان پکين جي چر چر جا آواز ڪن پئي پيا. ٿوري
دير ۾ ئي اونده جي چادر پکڙجي ويئي.

اليسن اطمينان جو ساه کنيو ۽ وسرام وٺڻ لاءِ ٽنگون پکيڙي ڇڏيائين. هن ٻه سان ڏريل لوگهي ڏي ڏٺو پر هن کي ڪئمپ جي هلڪين نيرين روشنين کان سواءِ ڪجهه به نظر نه آيو. بنگلي جي فرش تي بوٽن سان هلڻ جو آواز به آيو پئي. ڪنهن ماڻهوءَ جي ٻاهر اچڻ جو آثار ڪونه هو ۽ ٿوري دير ۾ بنگلو ماٺ ۽ ننڊ ۾ ٻڏي ويو.

اليسن لاءِ هاڻي سلامتي هئي. هوءَ بي صبرو ٿيندو پئي ويو. ڪاڏي جو ٽيلهو ڪٽي اُن کي ڪشي کان پڪڙيائين، پر وري پاڻ کي روڪيندي چڻ سوال ڪيائين. ”ڪهڙي تڪڙ آهي، سڄي رات پئي آهي.“ پيٽ کي پنا ڏيئي ويهي رهيو. سندس ڪن بنگلي تي لڳل هو. اڇوڪي اونده هن لاءِ سهڻي ۾ سهڻي شيءِ ۽ هڪ نعمت مثل هئي.

ٿوري دير کان پوءِ هوءَ اٿيو ۽ جهنگ جي چيڙي تي ويو. اُتي کي گهڙيون ترسيو ۽ مانوس فضا هن لاءِ اطمينان بخش هئي. اليسن پاڻ کي محفوظ محسوس ڪيو.

هن وري هلڻ شروع ڪيو ته پاڻ کي نيل ۽

ڪمزور محسوس ڪيائين. ڇڻڪ هن جي طاقت ۽ همت گم ٿي ويئي هجي. هڪ پل ۾ هن پاڻ کي ٿڪل محسوس ڪيو. ذهني بار سبب بيمارن وانگر پئي لڳو. ڪاڏي جي ٽيلهي سان ٽيلهبو پئي ويو. آخر ڪڏهن وٽ پهچي آهستگيءَ سان سڏ ڪيائين- ”سسٽر! آءٌ اليسن آهيان، سجاڳ ٿي.“ اندران ڪو جواب ڪونه آيو. اليسن کي چنتا ٿي پيئي. هو ڪڏهن ۾ لٽو ۽ آٽي— آٽي ته ڪاريءَ وارا ڪک هئا.

---

ادب جو هڪ عظيم شاهڪار- جنهن جون
لکين ڪاپيون وڪجي چڪيون آهن.
جڳ مشهور انگريز اديب
**آسڪر وائيلڊ**
**جو عظيم شاهڪار**
**گناهه جي تصوير**
**ترجمو. قاضي خادم**
ماڊرن پبلڪيشنس طرفان جلدي
شايع ٿي رهيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ١١

اليسن ڪڏهن ڪان ٻاهر ويٺو هو. بلڪل چپ چاپ، ڇاڪاڻ ته پنڌ پورو ٿي چڪو هو. هٿ ۾ ڪاڏي جو ٿيلهو مضبوطيءَ سان جهليل هوس. ڪو آواز ٻڌڻ لاءِ ڪن کڙا هئس ۽ رکي رکي پنڌ پورو ٿيڻ واري صورت ۾ ڪجهه چرپر تي ۽ چوڌاري نهارڻ لڳو. عجيب غريب خيال سندس دماغ ۾ پئي آيا- ”ڇا! دشمن، انجيلا کي ڳولهي لڌو هوندو هاڻي اُهي مونکي ٻڪڙڻ لاءِ اونده ۾ لڪا ويٺا هوندا.“
پر اُتي ڪوبه آواز ۽ ڪنهن به قسم جي چرپر نه هئي. اليسن ڪاڏي جو ٿيلهو پنهنجي ڪڇ ۾ ڪٽي ويو ۽ گاهه سان اُن کي ڍڪي ڇڏيائين. اُهو ئي گاهه جيڪو هن جو بسترو هو. هو تمام ٿڪل هو ۽ اڄ ٻيڪ به ڪيس ڳهڻو ستايو هو. هر ڳالهه ڪان گهٽي ڳڻتي هنکي ان کي ڳولهڻ جي هئي. اِهي پور پچائيندي هو هيٺ پرو نديءَ طرف هليو ويو ۽ انجيلا کي اونده ۾ ڳولهڻ جي هرڪا ڪوشش ڪيائين. هن جي فڪرمندي وڌندي ويئي. پنهنجي بيوقوفيءَ تي پاڻ کي ملامت ڪندو رهيو ۽ انجيلا جي اڄاڻائيءَ تي به چوه ڇڏيندو رهيو. پاڻ کي به ڏوه ڏيندو رهيو ته آءٌ ڇو ڪيس اڪيلو ڇڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويس! پيو ڇا ڪري ها؟ اُن جو به وٽس جواب ڪونه هو. بک کان بيحال پئي ٿيو، اُن ڪري ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه کائڻ پيئڻ لاءِ موٽڻ جو ارادو ڪيائين. پر انئجيلا کي هٿ ڪرڻ جو خيال کيس ان کان وڌيڪ ستائي رهيو هو. پوءِ الائي ڇا سوچيندي هو سمنڊ جي الهندئين ڪناري طرف هليو ويو، جتي ڦتل ڳوٺ جا پڊ هئا.

اڙي!! هوءَ ته سمنڊ جي ڪناري تي هڪ وڏي پٿر تي ويٺي هئي. اليسن سڏ ڪيو ته هوءَ بلڪل ڪونه ڇري. وري پيو سڏ ڪيائينس ته هو ڏانهنس گهوريندي اُٿي بيٺي، ته به بلڪل ماٺ ۾ هئي. اليسن هن جي ماٺ جي مام کي پروڙڻ لاءِ پل پلڪ ماٺ ۾ رهيو. ايتري ۾ هوءَ ڊوڙندي ڏانهنس آئي ۽ پنهنجا هٿ اليسن جي هٿن تي رکي، ڄڻڪ هن جي جيئري هجڻ جي پڪ ڪرڻ لڳي.

”اڙي! تون — تون!!“ انئجيلا رڙ ڪئي ۽ اطمينان ٿوڙي خوشيءَ کان سندس چهرو ٻهڪڻ لڳو. هوءَ جذبات کان بي قابو ٿي ويئي ۽ پنهنجو سڄو بار ڪٽي اليسن تي وڌائين. جنهن کيس ننڍڙي ٻار وانگر ٻانهن ۾ ويڙهي ڇڏيو. — ”ها سسٽر! سڀڪجهه ٺيڪ آهي.“ اليسن ٻڌڪو ڪيو. سندس آواز به خوشيءَ جي جذبن کان ايئن لرزش ۾ هو، ڄڻ هوا ۾ ڏيئي جي وٽ.

هن انئجيلا جي ڪلهن کي ڏڪندو محسوس


Scanned with CamScanner

ڪيو ۽ معلوم ڪيائين ته هوءَ ڏپ ۽ مايوسيءَ جي غار ۾ ڦاٿل هئي. اليسن غور ڪرڻ لڳو ته هن مايوسيءَ واري وايو منڊل ۾ هنن ٻنهي جي هڪ ٻئي وٽ ڪيتري قدرو قيمت ۽ اهميت هئي. اڌهي خيال منجهس گهڻي قوت ۽ بردباري آندي. هن جي هڪ پاڻهن شفقت ڏيکارڻ طور انجيلا جي ڪلهي تي رکيل هئي. هو انجيلا جي ڏپ کي گهٽائڻ لاءِ پنهنجي گفتگو ۾ ڪيس دلداري ڏيئي رهيو هو. الائي ڪهڙا جذبات هئا، جو انجيلا جا لڙڪ ۽ سڏڪا بند ٿي نٿي ٿيا. اليسن کيس بلڪل ائين ڀاڪر ۾ پيري پرڇائي رهيو هو. ڄڻڪ هوءَ ننڍ ٻار هئي.

دشمن جي وچ ۾ هڪ اڪيلي عورت کي سهارو ڏيندڙ اڪيلو مرد ڪيتري نه اعليٰ ۽ پُرڪشش شخصيت بڻجندو پئي ويو. اهو احساس اليسن کي هاڻ پئي ٿيو. الائي ڪيئن اوچتو هن جي اندر ۾ هڪ لهر آئي ۽ انجيلا کي پنهنجو پاڻ سان ڀيڪوڙي ڇڏيائين. جذبن جي شدت ڪان اکيون پورجي ويس. هڪڙو هٿ ڇڙوواڳ ٿي انجيلا جي ڇاتين وٽ وڃي پهتو، پر اوچتو هٿ واپس ڇڪي ورتائين ۽ پنهنجن جذبن کي روڪي پئي هئي ويو. سندس آواز ۾ لرزش هئي- ”هل سسٽر! هل ته گهر هلون.“

”ها.“ انجيلا جواب ڏنو، ”مون ته سمجهيو هو ته آءٌ توکي ڪڏهن به ڏسي نه سگهنديس.“

”آءٌ گھڻي مشڪل کان پوءِ پهتو آهيان.“

”توکي ايتري دير ٿي ويئي، جو مون سمجهيو ته هنن توکي پڪڙي ورتو هوندو. آءٌ ڪيترو وقت تنهنجي اوسيڙي ۾ هيس پر تون نه آئين.“

”آءٌ مصروف هوس. هنن جي ڪئمپ ۾ ويس. بلڪل اندر هليو ويس. ڪاڏي پيتي جون شيون ڪنيم تون ڏسج اسان وٽ ڪاڏي لاءِ گهڻو ڪجهه آهي.“ ائين چوندي هو انجيلا کي هٿ کان ڇڪيندو پٺي ويو ۽ هوءِ ٽڪڙو هلڻ ڪري ٿڪجي پيئي اليسن وري چيو:

”آءٌ بلڪل هنن جي وچ ۾ وڃي پهتس. هو منهنجي چوڌاري هئا پر ڪين منهنجي خبر نه هئي مون ڪاڏي ۽ سگريٽن جو ٿيلهو پري ورتو. اونده ٿي ته موٽيس پوءِ وري تون نظر نه آئين. بلڪل منجهي پيس. آٽي هڪ سگريٽ ڇڪڻ لاءِ به نه ترسيس ۽ تنهنجي ڳولاه ۾ نڪري پيس.“

ڪڏيءَ وٽ پهچي، انجيلا کي ٻاهر بيهاري اليسن پنهنجي ڪڏيءَ ۾ ويو ۽ ڪاڏي جو ٿيلهو کڻي آيو. پنهنجي پڳل چاقوءَ سان هڪ ننڍو دٻو وڍيائين چاقوءَ سان ٽي کي ڳترا پاڙ ڪڍيائين، باقي دٻو گهڻي فخر سان انجيلا جي حوالي ڪيائين. دٻي مان ايندڙ گوشت جي بوءِ ٻنهي کي ايترو وٺي پئي، جو سندن چهرن تي مرڪون ظاهر ٿيڻ لڳيون.

ٻنهي چٽن ڊِؤ ڪري ڪاڏو. اليسن پنهنجي ٽونٽ

جي ٽيڪ سان پٽ تي ليٽي پيو ۽ ٿيلهي مان پاڪيٽ
ڪڍي سگريٽ دکايائين. ڌونهين جو هڪ وڏو ڪکر
ڇڏيندي، سگريٽ کي هڪ ڀيو ڀرپور سوٽو هنيائين.
انٽجيلا ڏانهن نهاريائين، انهيءَ خيال کان ته هوءَ ڪجهه
ڳالهائيندي. پر هوءَ بلڪل چپ هئي. ڄڻ ڪ چپ چاپ
ڪاڏهن لاءِ خدا جا تورا مڃي رهي هئي.
وڏيڪ انتظار ڪرڻ ڪان سواءِ اليسن ڪيس پنهنجا
ڪارناما ٻڌائڻ لڳو. هو انهيءَ خيال ۾ هو ته ڪهاڻيءَ
جي جوش ڏياريندڙ واقعن تي هوءَ پرجوش نظر ايندي.
پر هن جو انداز غلط نڪتو انٽجيلا خاموش هئي. ڳالهه
ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ڪي سوال پڇيائين. آن ڪان پوءِ
ٻنهي جي وچ ۾ وري خاموشي ڇانئجي ويئي. ٻئي
گذريل واقعن تي سوچي رهيا هئا. تورو ترسي اليسن
پڇيو:
”تون هتي ڪناري جي ويجهو ڇا پئي ڪيو؟“
”آءٌ تولاءِ ڪافي وقت ترسيس،“ انٽجيلا جواب
ڏنو، ”جڏهن گهٽي دير ڪانپوءِ به تون نه موٽئين تـه
آءٌ فڪرمند ٿي پيس ته ڪٿي توکي دشمن پڪڙي ته
نه ورتو هوا! مون پنهنجي من مان اهو وسوسو ڪڍڻ
جي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب نه ٿيس. تنهنجي گهٽي
غير موجوگيءَ مونکي بيچاري ڇڏيو. تون مون کان ايترو
وقت ڪڏهن به پري نه رهيو آهين. مون خدا کان
دعا گهري ۽ ڪجهه سڪون محسوس ٿيم. پنهنجن کان

پوءِ مونکي وري به فڪر ورائي ويا. اوچتو اهو بہ خيال آيم تہ ممڪن آهي تہ توکي ڪو نقصان پهتو هجي. ڪنهن جهنگلي جانور توتي حملو ڪيو هجي، ڪنهن زهريلي نانگ نہ چڪ پاتو هجيئي. سمنڊ ۾ نہ ڪري پيو هجين. اهڙا ٻيا ڏکوئيندڙ خيال دماغ ۾ ويهي ويم. هن پاسي توکي ڳولهڻ لاءِ نڪتيس. نڪري ٻاهر آيس تہ بہ عجيب قسم جي مونجهاري اچي ورايو.“ ٽورو ترسي وري چوڻ شروع ڪيائين، ”سچ بہ لهي ويو ۽ هڪ قسم جو يقين بہ ٿيڻ لڳم تہ تون موٽندين، پر تون نہ موٽئين وٽن جي جهڳٽن پکيان جانورن جا آواز پئي آيا ۽ اونده تہ وڏيڪ ڀيانڪ هئي. سڄو جهنگ آوازن سان ڀري رهيو هو. تنهنجي ايتري دير غائب هجڻ ڪري بلڪل مايوس ٿي ويس. خبر بہ نہ ٿي پيئي، تہ تون دشمن وٽ گرفتار هئين يا عزرائيل وٽ قيد هئين!“

”ڪنهن وٽ بہ نہ“

”اِهو تہ خدا جو شڪر ٿيو! پر اُن وقت تہ مون کي تنهنجي ڪا خبر نہ هئي، مون بہ محسوس ڪيو تہ سواءِ خدا جي رضا تي راضي رهڻ جي ڪو ٻيو رستو نہ هو. اُن ڪري آءٌ بہ ٻاهر نڪتيس. سوچيم تہ سمنڊ ۾ ٽانگهي ڪان ڳهڙي اونهي، ۾ هلي وڃان، پر اِهو بہ پاپ هو. اُن ڪري ڪناري وٽ ترسي دعا گهرندي رهيس. آءٌ موت قبول ڪري چڪي هيس،

رڳو دعا گهرڻ ئي منهنجو آخري مقصد هو. ڪجهه وقت دل ۾ دعا گهرندي رهيس ۽ پوءِ خاموشيءَ سان پنهنجي دل ۾ سڪون ۽ اطمينان کي داخل ٿيندو محسوس ڪيم. مون پنهنجي چوڌاري هڪ قوت کي گڏ ٿيندي محسوس ڪيو ۽ سڀ ڊپ لهي ويم. ايتري ۾ تون اچي وئين. ڏس جڏهن تون پري هئين ته به هڪ قوت منهنجي حفاظت ڪئي پئي.

اليسن فقط ”هون“ ڪئي. ڏسڻ ۾ پئي آيو ته هو انئجيلا جي مذهبپڻي کان متاثر ڪونه پئي ٿيو. ٿوري خاموشيءَ کان پوءِ چيائين ”آءٌ وڃي سمهان ٿو.“ انئجيلا هن جي وڃڻ کانپوءِ کي گهڙيون ترسي پنهنجي کٽيءَ ۾ لهي وئي.

صبح ٿيڻ تي اليسن جو چهرو پرسڪون هو. ٻنهي گڏجي ڪاڏي جي ٿيلهي کي کولي ڏٺو. جنهن ۾ ڇهه گوشت جا دٻا، سڪل ميوي جو دٻو ڏهه پائونڊ ڪڻ چانور، ڪڻمڻ جو دٻو، اچي ڪپڙي جو ٽڪرو، جست جو ڪوپ، ٻه ٽي ڦٽي، پينسل، اٽڪل اسي سگريٽ، چار درجن ماچيس، مڇي ڦاسائڻ جون ڪنڊيون، ڏوريون ۽ هڪ ڪتاب هو. پاڳيئن تي آمريڪا ۽ جپان جا نشان هئا. ٻنهي چڙن گوشت جو هڪ دٻو کوليو ۽ ناشتي جي تيارين ۾ لڳي ويا. ناشتو ڪري اليسن ڪنڊي ڪٽي مڇيون ڦاسائڻ جي رٿ ڪئي. ماچيس هٿ اچڻ کانپوءِ هنن وٽ رڌ پچاءَ جو مسئلو گهٽي قدر

# باب ۱۲

هڪ ڏينهن صبح جو جپاني اوچتو ٻيٽ تان هليا ويا. ٽولا ٽولا ٿي پنهنجا ٽيلها ڪٽي جهاز ۾ وڃي چڙهيا. باقي ڪناري تي ٿي جپاني بچيا، جيڪي بنگلي ڏي موٽيا. ڪجهه منٽ بنگلي ۾ رهڻ کان پوءِ وري ٻاهر نڪتا ۽ جهاز ۾ اچي چڙهيا. ۽ جهاز روانو ٿي ويو.

اليسن وڻن جي اوٽ ۾ لڪي لڪي سڀڪجهه ويٺي ڏٺو. جيئن ئي هيءَ صورتحال ڏٺائين، تيئن ٻاهر نڪري انجيلا ڏي سڏ ڪندو ڀڳو- ”هو هليا ويا- هو ٻيٽ خالي ڪري ويا. انجيلا ڪڏيءَ مان ٻاهر نڪتي. هن کي ته خبر به نه هئي ته اليسن چريو ٿي پيو هو يا رڳو چرچا پئي ڪيائين! تڪڙ ۾ سندس مٿي وارو ڪپڙو وڻ ۾ اٽڪي پيو ۽ مٿو اگهاڙو ٿي پيس. اليسن ڏٺو ته هن جا ننڍا ۽ گهاٽا سونهري وار ظاهر ٿي پيا.

پوءِ ٻنهي ڄڻن سوچڻ شروع ڪيو ته آخر جپاني ڇو هليا ويا؟ ٻنهي پنهنجا پنهنجا رايا ڏنا. نيٺ اليسن چيو- ”خير! هاڻي هلو ته ڏسون ته پٺيان ڪا ڪم جهڙي شيءِ ڇڏي اٿن يا نه؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حسن جي اَن جلوي کي ويجهو تي ڏسي ۽ دل گهريس ته جبي کي ڦاڙي ڇڏي يا اَهو خود هيٺ ڀرو ٿئي. جيڪو ڪوٽ وانگر سڄي جسم کي گهيريو بيٺو هو. پر هاڻي اَهو لوهي ڪوٽ ڪمزور ٿي چڪو هو، جيڪو اَن عورت کان اليسن کي ڌار ڪري بيٺو هو. هو ڪجهه اڳتي سرڪيو ۽ انجيلا کي ڀاڪر پاتائين. هن جي مٿي جو پوش پري وڃي ڪريو، اليسن پنهنجا چپ هن جي چپن ۾ پچائي ڇڏيا ۽ پاڻ سان ڀيڪوڙي ڇڏيائينس.

ڪا گهڙي ته هوءَ چري ٿي ڪانه. هن کي اعتبار ئي نه پئي آيو ته ڪو ائين ٿيندو. اليسن اِها چوڪ ڪئي جو هن انجيلا جي خاموشيءَ کي رضامندي سمجهيو ۽ هن جو چهرو پاڻ ڏي آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين. اوچتو اليسن هڪ غير معمولي ڌڪي سان پري وڃي پيو. هڪ وڏي رڙ ڪيائين ۽ اَٿي ڀڳي پر اليسن کيس پڪڙي ورتو ۽ مڪمل طور پاڻ ۾ جڪڙي ڇڏيائينس- ”منهنجي ڳالهه ٻڌ! منهنجي ڳالهه ٻڌ.“ هن پاڻ ڇڏائيندي رڙ ڪئي- ”مونکي ڇڏ! مونکي وڃڻ ڏي.“

”نه!“ اليسن چيو- ”توکي منهنجي ڳالهه ٻڌڻي پوندي.“

”چڱو،“ انجيلا ڄڻ هار مڃي.

اليسن هن کي سيني سان لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر هوءَ ٿوري چيتي رڳڻ جي ڪوشش ڪندي رهي،
تہ بہ اليسن سندس هڪ هٿ پنهنجي هٿ ۾ قابو
رکيو ۽ ٻيو ڪلهي ۾ مضبوطيءَ سان ڦهائي ڇڏيائينس.
”آخر هن هيڏي ڇڪتاڻ جي ضرورت ڪهڙي
آهي انجيلا!“ اليسن نرميءَ سان چيو- ”اچ ۽ مون
ڪان جدا نہ ٿي.“
”نہ“! انجيلا ٿوري گهٽ رڙ ڪئي- اليسن پنهنجي
گرفت مضبوط ڪري ڇڏي ۽ چيائين- ”ڪنهن کي
خبر بہ ڪونہ پوندي، هتي تہ اسان ڪان سواءِ ٻيو ڪير
بہ ڪونهي.“ انجيلا ڪجهہ وقت تہ ماٺ ۾ رهي،
اليسن آها ماٺ پنهنجي حق ۾ سمجهندو رهيو، هوءَ
حقيقت ۾ پنهنجي قوت گڏ ڪندي رهي.
”توکي خبر پوندي“ انجيلا چيو- ”۽ خدا کي
خبر پوندي.“ اليسن تہ خدا بابت ڪجهہ سوچڻ ئي
نہ ٿي گهريو.
”مون سان اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر، جيڪڏهن
ڪو خدا آهي تہ هن اسان کي وساري ڇڏيو آهي.“
”نہ“ انجيلا پاڻ ڇڏائيندي چيو، پر ڇڏائي نہ
سگهي. ”خدا وساري نٿو، اوه خدا اسان جي مدد ڪر.“
”دعا مان ڪجهہ نہ ٿيندو، اجايو وقت نہ وڃاءِ،
منهنجي ڳالهہ مڃ.“
”منهنجي جند ڇڏ.“ هوءَ ليلاڙڻ لڳي.
”ڪنهن کي خبر بہ نہ پوندي. جيڪڏهن اسين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پٽ ورتائينس.

هلندي هلندي آواز ٻڌڻ لاءِ وري ٻيٺو ٿي. آواز جي پٽ وڌندو هو تباهه ٿيل گوديءَ وٽ اچي پهتو. وچ ۾ ٻوڙندي ڪيترا ڏڪ ڪاڏا هٽائين. گوديءَ وٽ ٻيهي ڪن ڏيڻ لڳو. ميڻهن بند ٿي چڪو هو. سمنڊ جي چولين جي سنهي آواز کان سواءِ هر طرف ماٺ هئي.

”تون ڪٿي آهين؟“ اليسن سڏ ڪيو. جيڪو وري اچي سندس ڪنن سان ٽڪريو. هو قدم قدم ۾ رڪندو اڳتي وڌيو. سوچيائين ته ضرور نن ويجهڙائيءَ ۾ لڪل هوندي. تباهه ٿيل گوديءَ جي پڳل عمارت موجود هئي. هو ان جي بلڪل اڳيان ٻيٺو هو ۽ گهري اونده ۾ جهاتيون پائڻ ۾ مصروف هو. هن کي ڪٿان به آواز نٿي ٻڌڻ ۾ آيو، جنهن سان هو انجيلا جي وجود جو احساس ڪري.

”تون ڪٿي آهين؟“ هن وري سڏ ڪيو ۽ فقط سمنڊ ڪيس جواب ڏنو.

هو آهستي آهستي هلندو ڪناري تي اچي ٻيٺو. فڪرمنديءَ سندس پرجوش جذبن کي ماٺو ڪري ڇڏيو هو. فڪر هوس ته متان هن سمنڊ ۾ نه ٽپ ڏنو هجي! ۽ سندس لاش هيٺ پاڻيءَ ۾ پيو هجي! يا لهرون ڏڪي اونهي سمنڊ ۾ ڪٿي ويون هجنس! هو انهن پورن ۾ پڇتاءُ واري صورتحال ۾ آتي ٻيٺو رهيو ۽ پنهنجي ٻري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عمل تي پاڻ کي ملامت ڪندو رهيو. هن ڪيڏو نقصان ڪري وڌو هو!

هو قدم اڳتي هلي، وري نقصان تي غور ڪرڻ لاءِ بيهي رهيو. اُن وقت ماڻ کي چيريندو هڪڙو آواز آيو- ”اوه خدا!! منهنجي حفاظت ڪر! مونکي پنهنجي پاڇي ۾ لڪائي. مونکي پاڻ وٽ گهرائي وٺ-“ اليسن اُها دعا چپ چاپ پڙهندو رهيو. هن پنهنجن ڪلهن تي ڪنهن ڳري ڇپ جو بار محسوس ڪيو. هو چٽڪ ڇري نه پٽي سگهيو. هن جي دل تمام زور سان ڌڙڪڻ شروع ڪيو. ائين ٿي لڳو ته دل ٻاهر نڪري ايندي. هوُ هڪ اڻ ڇاتل قوت جي اثر هيٺ دعا پڙهندو رهيو. اونده ۾ هوُ هڪ بي طاقت هستيءَ وانگر بيٺو هو. چٽڪ هڪ بت هو. هوُ گهڻو وقت ان دعا جي اثر هيٺ رهيو ۽ نيٺ پاڻ ۾ ڳالهائڻ جي قوت گڏ ڪندي نهايت مناسب ۽ دوستيءَ وارن لفظن ۾ ڳالهايو. هنجي ڪنن سان اڃان به انجيلا جي دعا گونجندي رهي، جنهن جو آواز هيٺر اڳ ڪان گهڻو هو. اليسن گوڏا ڪوڙي پنهنجو هٿ وڌايو، جيڪو انجيلا جي ڇهري تي وڃي پهتو. جيڪو سڄي ڪپي ڦري رهيو هو. سندس جسم بخار جي ڪيفيت ۾ گرم هو. اليسن ڪجهه وقت ڪان پوءِ نن کي اُن عجيب غريب جذباتي ڪيفيت ۾ ٻنگلي ۾ ڪٺي آيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ۱۳

انئنجيلا کي سمهاري پاڻ ٻاهر ڏاڪڻ وٽ اچي سوچ ۾ گم ٿي ويو. هن وٽ ڪابہ دوا نہ هئي ۽ نڪو وري ڪيس دوا درمل ۽ علاج جي ڪا خبر هئي. هو بلڪل نااميد هو. هن چاتو ٿي تہ سندس هٿ ۾ ڪجهہ بہ نہ هو.

پوءِ هن کي ياد پيو تہ تربيت وٺڻ واري زماني ۾ پئسفڪ سمنڊ ۾ هو علاج جي باري ۾ ڪن ڳالهين کان واقف ٿيو هو. هن کي ياد پيو هو تہ ٻخار جي مريضن لاءِ گهڻو پاڻي ضروري هو ۽ پيٽ جو پاڻي اوٻاريو وڃي ۽ بيمار جي صفائيءَ جو خاص خيال رکيو وڃي. ٿوري دير ۾ ئي هو مايوسيءَ جي ڪن مان نڪري آيو ۽ هن جي اڳيان اڳيون قدم واضح ٿي ويو. هو ڪمزوريءَ وارا سڀ خيال ۽ شرمندگيءَ جا احساس ڇڏي، اٿيو. هن اونده ۾ گهوريو ۽ بيمار جي سنڀال لاءِ اندر هليو ويو.

ڪيترائي ڏينهن انئنجيلا ڪمري ۾ ويٺي هئي ۽ هر شيءِ آلٽي ڪري ڪيڏي ٿي ڇڏيائين. اليسن سندس پوري سنڀال ڪندو ويو ۽ هن جي حالت ڪجهہ سڌري

ذهني اذيت بابت سوچي رهيو هو. جيڪا ڪيس ڪجهه پهتي هئي ۽ ڪجهه پهچڻ واري هئي. اوچتو هن محسوس ڪيو ته هن جي ٽنگن ۾ جسم جو بار سهڻ جي طاقت نه رهي آهي. هوُ ڪنهن سهاري وٺڻ لاءِ ڇريو. عين اُن وقت هن پنهنجي چوڌاري روشنيءَ جا دائرا ڏٺا. هوُ في الحال ته منجهي پيو. هن سامهون نهاريو ته ڪناري سان بيٺل جهاز جون سرچ لائٽون ٻرڻ تي پيون.

سرچ لائٽن چڱي طرح گوديءَ، بنگلي ۽ ٻين عمارتن جو جائزو ورتو. سڄي پاسي جهنگ تان به روشنيون ڦري آيون. اليسن هڪ ٻوٽي جي اوٽ ۾ هو. هن ڪي ڦيريون جيڪو خيال آيو سو چپانين بابت هو. هن جو تڪ لهي ويو. هوُ ٻوڙندو بنگلي ۾ پهتو ۽ انجيلا کي ٻانهن ۾ کڻي، جهنگ ۾ هليو ويو. هاڻي هو ”چپانين“ جي نظر کان لڪل هو. بندوقن جي آوازن ۽ ٽارچن جي روشنين وايو منڊل بدلائي ڇڏيو. هڪ پيرو ته پيٽ ٽڪائڻ سان لڏي ويو. ٿوري دير جي اندر ئي بنگلي کي باهه وڪوڙي ويئي.

انجيلا پنهنجي ڪمزور آواز ۾ ڪجهه چيو. اليسن ڪيس اُٿاري ٻيهاريو ۽ چيائين–”هلو، ڪٿي لڪون هلي.“

”ٻنيون روشن ٿي چڪيون آهن.“ انجيلا چيو.

”نه نه! باهه لڳي چڪي آهي.“

اليسن چڻ شڪست کائي ويو. هن جي هڪ طرف ديڱ وارو اونداهو جهنگ هو، ٻئي طرف ٻرندڙ بنگلو

# باب ۱۴

”الیسن! مونکي ڀڄائي ڇا اسين هاڻي خطري ۾ آهيون.“

”ضروري ناهي تہ حالات بدتر ٿين. جهاني سڄي پيٽ تي پکڙجي ويا آهن. اسان وٽ ڪاڏو نہ آهي. غمگين نہ ٿيءُ ڪيي. پر اسان لاءِ ۾ رستا بلڪل ڪليل آهن. هن ڪڏ ۾ ويهي ٻڪ وگهي سري وجون يا ٻاهر نڪري جهانين وٽ حاضر ٿيون.“

”مونکي جڏهن ٻخار هو. توکي ياد آهي اليسن.“

”ها“

”تو منهنجي سار سنڀال لڌي.“

”ها“

”تو منهنجي لاءِ پنهنجو آرام ڦٽايو.“

اليسن ڳالهہ بدلائيندي چيو- ”توکي ٻڪ لڳي هوندي؟“

”نہ نہ!! ايتري گهڻي ڪانهي.“ هوءَ آئي ٻيٺي ۽ پنهنجا هٿ اليسن جي ڪلهن تي رکي چيائين- ”خدا توکي خوش رکي! تو جيڪي مون لاءِ ڪيو سو هڪ ڪرشمو هو.“ جيڪڏهن عام صورتحال هجي ها تہ تہ اليسن تي هن موقعي جو اثر ڪو پيو پوي ها، پر هن وقت هو جذباتي دنيا ڪان پري ڪنهن عملي قدم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نابت سوچي رهيو هو. سوچي رهيو هو تہ بک کان بچڻ لاءِ جپانين وٽ وڃجي يا نہ؟ هن انئجيلا کي چيو: ”سو تہ چڱو پر هاڻي اسان کي آئينديءَ لاءِ ڪو قدم کڻڻ کپي.“

”آءٌ جپانين اڳيان ظاهر ڪونہ ٿيندس.“

”تنهنجي مرضي! پر اجان بہ هڪ ڏينهن ترسي سگهون ٿا. آءٌ وڃي ڪاڏي لاءِ ڪا شيءِ ڳوليان ٿو. تون انتظار ڪر. ٻاهر نہ نڪرجئين.“

ائين چئي هو ٽڪريءَ کان هيٺ لٿو. هو ڪمزوريءَ سبب آهستي پئي ويو. ڳوديءَ وٽان جهاز جو سائرن پئي ٻيهي رهيو. هڪ پل کان پوءِ ڪيترين بندوقن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. اليسن جي اجان حيراني ئي ختم ڪونہ ٿي هئي تہ هڪ هوائي جهاز مٿان لنگهي ويو. اُهو ايترو هيٺ هو، جو اليسن اُن جي کنڀن تي اڇن تارن جا نشان بہ صاف صاف ڏسي ورتا. هن کي اميد جو هڪ ترورو نظر اچي ويو. خوشيءَ کان پيٽ ۾ ساهہ پرجي پيس. اِهو امريڪي هوائي جهاز هو. هو واڪا ڪندو واپس ڪڏيءَ ۾ پهتو ”پنهنجا جهاز اچي ويا. مون هڪڙو جهاز اکين سان ڏٺو آهي.“ اندر گهڙندي ئي ٿاٻڙجي ڪريو. نن آٿي ڪيس ٻانهن کان ورتو ۽ آٿاري ڪيس پنهنجي هنج ۾ کڻي سمهاريائين ۽ سندس چهرو ڪپڙي سان اگهيائين. هوءَ چڻڪ خدمت چاڪريءَ وارو تورو لاهي رهي هئي.

# باب ١٥

ٿڌي هوا جي جهوٽن اليسن کي سجاڳ ڪيو. هن اٿي آرس موڙيو ۽ پڇيائين: ”ڪجهه ٿيو ته ڪونه.“

”نه! بلڪل ٺاٺ ماٺوڙو هو.“ ائنجيلا جواب ڏنو.

”هون.“ اليسن چيو- ”مون ته پڪ امريڪي جهاز ڏٺو هو. پنهنجو ٿي هو. مون آن جي ڪنپن تي تارن جا نشان ڏٺا. منهنجون اکيون فريب کائي نٿيون سگهن.“ هن ائين چئي ائنجيلا جي ڪلهن کي لوڏيو. جڻڪ ڪيس ڳالهه مڃڻ تي مجبور ٿي ڪيائين. هوءَ مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي چوڻ لڳي: ”ها ها! تو جهاز ڏٺو هو. تڏهن ته مونکي پڌائڻ لاءِ تون ڊوڙندو هتي آئين ۽ ٻوٽ پر اچي ڪرئين. تون ڪمزور ۽ ٿڪل هئين ان وقت ڪان ٿي ستل هئين. ها پر ٻيا جهاز ظاهر ڪو نه ٿيا.“

”ڏس“ اليسن چيو- ”پنهنجن ساٿين آهو هڪ جهاز خبر لهڻ لاءِ موڪليو هوندو. ضرور هو ايندا.“ هو وڏيڪ وقت ڪڏهن ۾ رهڻ لاءِ تيار نه هو. هن گهريو ٿي ته ٻاهر وڃي صورتحال ڏسي ۽ آسمان ۾ چتائي نهاري. ائنجيلا به اڪيلو رهڻ نٿي گهريو. ان ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهن سان ڳالهائي پيئي. پر ڪنهن سان؟ انئجيلا ڪي سڏ ڪيائين.

”انئجيلا!“

”هون“. ڪنهن چيو ”هاڻي تون نيڪ آهين. فڪر نه ڪر سپاهي.“ هي آواز آتي موجود نرس جو هو. اليسن هڪ ٻيو شخص به ڏٺو ۽ جڏهن باقاعدي گهر ڪان آجو ٿيو ته هن پاڻ کي سفيد چِت هيٺان ڏٺو. هن ڪان هڪ ڊاڪٽر پڇي رهيو هو: ”ڇا ڳالهه آهي؟“

”انئجيلا ڪٿي آهي؟“

ڊاڪٽر ڏانهنس نهاريو ۽ جواب ڏنائين.

”فڪر نه ڪر! هوءَ نيڪ آهي. آءُ هن کي ڳولي ڏو اچان.“ هو هليو ويو. اليسن وري اکيون بند ڪري ڇڏيون. اينڊرز چند ڪلاڪن ۾ فوج وارن هن کان پيٽ ۽ جپاني فوج بابت ڪيترائي سوال پڇيا. هن هر ڳالهه واضح طور ٻڌائي. انئجيلا ٻي اسپتال ۾ زير-علاج هئي. جڏهن هوءَ نيڪ ٿي ته اليسن سان ملڻ لاءِ آئي هو پنهنجي بيڊ تي اوسيڙي ۾ ويٺو هو. هوءَ ٻي هڪ نن ۽ هڪ پادريءَ سان گڏ اندر آئي. ڪيس مذهبي رسمي لباس پيل هو. اليسن کيس ڏسي تمام گهڻو خوش ٿيو.

”مسٽر اليسن! خوش آهين.“

پوءِ هنن پاڻ ۾ ڪيتري دير تائين ڳالهايو ۽


Scanned with CamScanner

جڏهن انئجيلا ڪيس پنهنجي ائڊريس ڏيڻ لڳي تہ اليسن جي اميدن جا سڀ ڏيئا وسامي ويا. هوءَ پنهنجي ڊيوٽيءَ تي ڪئناڊا وڃي رهي هئي ۽ اليسن کان هميشه جدا ٿي رهي هئي. جڏهن هو موڪلائي ٻاهر نڪتي تہ اسپتال ۾ فقط مريضن جا آواز وڃي بچيا. اليسن ڪنن ۾ آڱريون ڏيئي ڇڏيون. انهن آوازن کان تہ پيٽ جي پڪين جا آواز مٺا هئا!

پورو ٿيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ماڊرن پبليڪيشنس حيدرآباد سنڌ

طرفان

## قاضي خادم

جا ترجمون ڪيل ناول

## گناهگارن جي بستي

مصنف- هيرالڊ رابنس

---

## گناهه جي تصوير

مصنف- آسڪر وائيلڊ

---

## اڌوري تصوير

مصنف- البرٽو موراويا

۽

## ليڊي چيٽرليزلور

مصنف- ڊي- ايڇ لارنس

جلد شايع ٿي رهيا آهن

سول ايجنٽس- محمد سليمان نيوز پيپر ايجنٽ
ڪوٽڙي والا بازار، حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌي ادب ۾ ڊراما نگاريءَ جي جيڪا کوٽ آهي
سا ڪنهن کان به ڳجهي ڪونهي. اهڙي ماحول ۾
سنڌ جو مشهور ڊراما نگار –

## چنا شبير ناز

هن وقت تائين اٺ ڊراما پيش ڪري چڪو آهي
۽ سنڌس ڊرامن جي اشاعت جو سلسلو جاري آهي
هنجو يقين آهي ته تنهائي پسند ڊرامانگار دراصل تنها
نه آهي بلڪ سنڌس ڊرامن جا ڪردار ئي سنڌس ساٿي
آهن. اهائي هنجي سوسائٽي آهي.

| | |
|---|---|
| * سڄا سيج پلنگ | قيمت ڏيڍ رپيو |
| * دريا خان | قيمت ڏيڍ رپيو |
| * دلين ديپ جلايا | قيمت ڏيڍ رپيو |
| * ويئي رات وهامي | قيمت هڪ رپيو |
| * درخواست | قيمت هڪ رپيو |
| * رمندا بادل | قيمت سوا رپيو |
| * راز | قيمت سوا رپيو |
| * ٽڙي ڪئسل | قيمت ڏيڍ رپيو |

ملڻ جو هنڌ

## سنڌي ڊراما پبليڪيشنس

پوسٽ باڪس نمبر ٢١٥، حيدرآباد سنڌ
سول ايجنٽس:- محمد سليمان نيوز پيپر ايجنٽ
ڪوٽڙي والا بازار، حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

’سنڌي ادب جي مختصر تاريخ‘ ڪـان وڏيڪ ٻيو ڪو تعارف ني نٿو سگهي.

ڏسڻ جو جائنو جوان سڊول جسم ادب ڪان وڏيڪ پهلوانيءَ جي ميدان ۾ سونهندڙ.

ڳائيندو آهستي، سوچي سوچي، مرڪندو به ڏاڍي خيال سان، جڻ پوءِ ٿيندو هجيس ته متان ڪو ٿهڪ نه نڪري وڃي.

هلندو به آهستي، خيال سان وکون کڻندو، جڻ زمين ڏکيندو هجي. هلڻ ۾ خيال رستي ۾، جڻ پوءِ ٿيندو هجيس ته رستو هلندي پلجي نه وڃي.

سندس شوق ۽ محنت ادبي دنيا کي ٻه شاهڪار پيش ڪيا آهن.

ڪڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اچڻ جو اتفاق ٿئي ۽ سنڌي ڊپارٽمنٽ ۾ مشڪندي ڪو ملي وڃي ته پڪ ڄاڻو ته ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ئي آهي.

قبولے بڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book